سورهين سڪ سنڌي سوکڙي - ١٩٩١

جيون جوت

رام پنجواڻي

ايل. آءِ. سي. سنڌي سوشل سرڪل
بمبئي

With
Best
Compliments
From :

Tel. Off. : 861280
Resi : 5558904

RAMESH G. VASWANI

GHANSHAMDAS
MEWAWALA & CO.

DRY FRUIT MERCHANTS
& COMMISSION AGENTS

210, P. J. Mewawala Chambers,
2nd Floor, 13, Kazi Sayed Street,
Sakh Gully, Masjid Bunder,
BOMBAY–400 009.

With Best Compliments From :

RAJA MEDICAL STORES

Pharmaceutical Distributors of :

UNI-Chem, U. S. Vitamin, Roussel, F. D. C., Sarabhai, B. Knoll, Cipla, Franco Indian, Organon, Schering, (U.S.A.) Gufic, Lupin, Unique, Standard, T.T.K. Vilco, Ipca, A. F. D. Mac, Concept, M. M. Lab., Unisearch & Pharmanova.

*

Bk. No. 522/11,
Behind Kumar Department Stores,
Japani Bazar, ULHASNAGAR–421 002.

P-6 (136)

ايل. آءِ. سي. سنڌي سوشل سرڪل
بمبئي

000064

جيون جوت

١٩٩١

*

ليکڪ: رام پنسواڻي

سورهين سڪ سنڌي سوکڙي

WITH BEST COMPLIMENTS FROM :

Shop : 75734
Resi. : 71694

SELECTIONS

TOP IN TOWN FOR LATEST FASHION & DESIGN

IN SUITING SHIRTING
& DRESS MATERIALS

36, JAPANI BAZAR
ULHASNAGAR–421 002

ٻه ٽي اکر



رام پنجواڻي

هيءَ جيون جوت منهنجي رچنائن جو ٻيون سنگره آهي. ٻه ڪهاڻي سنگره اڳي ئي شايع ٿي چڪا آهن جي پاٺڪن کي بيحد پسند پيا آهن.

هن دفعي سرڪل جي ساٿين مونکي عرض ڪيو ته مان ڪهاڻين سان گڏ پاٺڪن کي نئين ناٽڪن سان وندرايان ... ۽ هن انڪ جنم ورتو.

هن ڪتاب جي هر رچنا توهان جي من کي ڇهي، هر گهڙي توهان کي پنهنجي زندگيءَ جي قريب پاسي، اهڙي ڪوشش ڪئي اٿم، ڪيترو ڪامياب ويو آهيان، اهو ته صرف توهان ئي ٻڌائي سگهندا.

رام پنجواڻي
١٧ - بي، جيون لڪشمي،
ڊاڪٽر آر. پي. روڊ،
ملنڊ (ويسٽ) بمبئي ٤٠٠٠٨٠

ايل. آءِ. سي. سنڌي سوشل سرڪل

بمبئي

ڪاروباري ڪاميٽي

١٩٩٠-٩١

مربي : شري ڊي. ڊي. چنداڻي
پريزيڊنٽ : شري اشوڪ مسند
وائيس پريزيڊنٽ : مس مايا پرسناڻي
سيڪريٽري : مس شيلا لالواڻي
جائنٽ سيڪريٽري : شريمتي نانڪي وزيراڻي
" " شري ڪمل گاپا
خزانچي : شري منشارام آڏلياڻي

ڪاميٽي ميمبرس

سرو شري رام ڀيسواڻي، گرمک پارواڻي، گھنشيام سهڄاڻي، شريمتي آشا راجاڻي، شريمتي نانڪي وزيراڻي، شريمتي سنيتا لالواڻي.

Printed by : Inqlab Printing Press, Shivaji Chowk.
ULHASNAGAR-3. Phone: 70066

Published by: Shri Ghanshyam Sahijani
4, Jeevan Jyot Society,
Near Aman Ta kies
ULHASNAGAR-3.
For and on behalf of L.I.C. Sindhi Social Circle, BOMBAY.

وايومنڊل هجي ۽ هر دل نشي ۾ چُور هجي. اهڙي هئي اسانجي هن سال جي پڪنڪ، پڪنڪ پارڪ ۾، ۲۵ ڊسمبر تي.

شڪر گذاري:

سماج سيوڪ شري گوپالداس رامڪياڻي صاحب جي جنهن اڳئين سال سرڪل جي جيون جوت جي اُدگهاٽن مهورت تي مکيه مهمان ٿيڻ قبول ڪيو.

سرو شري رام پنسواڻي، گهنشام سڄاڻي، منشارام آڏلياڻي ۽ اشوڪ مسند جن مخزن جو ڪارڻ پاڻ تي هموار ڪيو.

اسانجي سڄڻن جن ڏڻن ۽ ٿئين جون پترڪائون ڇپڻ ۾ اسانجي مالي مدد ڪئي.

اسانجي ساٿين جن مخزن لاء اشتهار آڻي ۽ اسانکي سٺو سهڪار ڏنو.

هندستان اخبار جي پانيڪارن، جن اسانجي ڪارڻ کي پنهنجي اخبار ۾ جوڳي جاء ڏني.

انقلاب پريس وارن جي جن اسانجي جيون جوت وقت سر ڇپي.

قران مان،

اشوڪ مسند — پرزيڊنٽ

شيلا لالواڻي — سيڪريٽري

گذارش

توهانجي شڀ هٿن ۾ هن سال جو "جيون جوت" جو سووينئر اڄ سونپيندي اسانکي ڏاڍي اڻٿ خوشي ۽ فخر محسوس ٿي رهيو آهي. هيءُ اڄ اسانجي ليکڪ ساٿي شري رام پنجواڻيءَ پنهنجي دلڪش داستانن ۽ نون ٻهار ناٽڪن سان سينگاريو آهي جو اميد ته توهانکي بيحد پسند پوندو.

اسانجو ڪارج صرف هر سال جيون جوت جو ادائي انڪ ڪڍڻ تائين محدود نه آهي پر اهو ته وسيع آهي. پنهنجين سرگرمين ذريعي اسين ايل.آءِ.سي سنڌي ڪرمچارين وچ ۾ سنڌيت جو ڀاءُ جاڳائڻ، پنهنجي جاتيءَ لاءِ ايمان اپارڻ، هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ جهڙا ڪارج اسين ڪندا رهندا آهيون.

ڏياري اسين اڪيلي سر پنهنجي گهر جي چار-ديوارن ۾ نه ملهائي سڀني ميمبرن سان گڏ پنهنجي ولي پارلي آفيس ۾ ملهائيندا آهيون. هن سال ٻڻ اسان اچي هڪ ٻئي جا منهن سنڌي مٺاڻن سان مٺا ڪري، مبارڪوادن جا مينهن وسايان.

پڪڪ جو مزو تڏهن آهي جڏهن اچي شور غل هجي، گانا بجانا ۽ ناچ گانا هجن، موج مستيءَ جو

مونکي اميد آهي ته سرڪل جو ميل ميلاپ قائم رکڻ جي ڏس ۾ اڳتي قدم وڌندو جنهن ذريعي ٻي اسان هڪ ٻئي جي قريب ايندا سين ۽ ڏک سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي رهندا سين. وقت آيو آهي ته سرڪل جا ٻانيڪار وندر جي پروگرام سان گڏوگڏ ميمبرن ۾ سماج سيوا جي ڀاونا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ۽ اُن ڏس ۾ رٿائون تيار ڪري انهن کي عملي جامو پهرائي سماج لاءِ ڪجهه ڪن. هر انسان جو فرض آهي ته سماج جو قرض ادا ڪرڻ لاءِ ڪجهه سمي، سماج جي اُٿان ڪن.

سائين، شل وڌو ويجهو اهائي منهنجي ايشور در اوهان لاءِ پرارٿنا آهي.

بي - بي - چڱاڻي
ايل - آءِ - سي سنڌي سرڪل جو
ٻنياد وجهندڙ

مربيءَ جي قلم مان

چوڌاري اشانت وايومنڊل سببان گهڻي ڀاڱي انسان مانسڪ تڻاءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي. مانسڪ تڻاءَ دور ڪرڻ لاءِ وندر جو هجڻ ئي هڪ نيڪ علاج آهي. ٽي - وي ۽ ويڊيو وندر جا ساڌن ته آهن ئي آهن پر مانسڪ تڻاءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ انسان جو انسان سان روح رهاڻ ڪرڻ مفيد علاج آهي. اها روح رهاڻ ميلاپي ميڙ ذريعي ٿي سگهي سگهي ٿي. ايل - آءِ - سي سنڌي سرڪل جهڙيون سنسٿائون ان ڏس ۾ اهو رول ادا ڪري سگهن ٿيون. مهنجو ايل- آءِ - سي سنڌي سرڪل سان بنيادي ناتو آهي. وقت بوقت فون ذريعي سرڪل جي ڪارپردازن سان سرڪل جي سرگرمين جي ڄاڻ وٺندو آهيان ۽ ڪين اُتساهه رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. سرڪل جا ڀانيڪار ٻڪڌڪ ۽ ميلاپي ميڙ جا پروگرام ورهين کان چالو رکيا ويا آهن. اهو ٻڌي آنند ايندو اٿم ته سرڪل جا ميمبر جهڙي انداز ۾ انهن سرگرمين جو لطف وٺي رهيا آهن.

ناٽڪ

★ گهر جي مرغي .... ★

— ڪردار —

شام — ايل. آء. سي ۾ ڊيولپمينٽ آفيسر
شيلو — شام جي پتني
ٻبلو — شام جو پٽ
ليلو — شيلوءَ جي وڏي ڀيڻ
راڻي رهيجا — انشورنس ايجنٽ.

(پردو کلندي، شام صوفا تي آرام سان ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي اخبار پڙهندو نظر اچي ٿو. هو چپن ۾ ڪنهن جهوني گاني جي سٽ ۾ گنگنائي رهيو آهي. اوچتو ڪا خبر پڙهندي هو گنڀير ٿي ٿو وڃي.)

شام — شيلو، او شيلو.

(ڪو جواب نه ملڻ تي هو ٻاڪي ڇوي ٿو: شيلو هاڻي صفا پوڙهي ٿيندي ٿي وڃي.)

شام — شيلو او شيلو ڊارلنگ، رڌڻي کان نڪري ٿوري ٻاهر جي دنيا ۾ به ڏس.

فهرست

١-	گهر جي مرغي ... ناٽڪ	صفحو	١-٢١
٢-	لڙڪ ۽ مرڪ - ناٽڪ	"	٢٢-٣٥
٣-	ميان ٻيئي راضي - ناٽڪ	"	٣٥-٥٦
٤-	ٻاجي - ڪهاڻي	"	٥٧-٦٥
٥-	مهڳائي - ڪهاڻي	"	٦٦-٧٣
٦-	ازدل - ڪهاڻي	"	٧٤-٨٤
٧-	اهڙا به ڪي انسان آهن - ڪهاڻي	"	٨٥-٩٢
٨-	ٻيچ چو ؟ - مذاقيه	"	٩٣-٩٨
٩-	وڪيل - ننڍي ڪهاڻي	"	٩٩-١٠١
١٠-	پاڪيٽ مار - ننڍي ڪهاڻي	"	١٠٢-١٠٣
١١-	شاندار ڏنڊو - ننڍي ڪهاڻي	"	١٠٤-١٠٦

شام - اهو ئي دستور آهي.

(شيلو رنڌڻي ۾ وڃي ٻه ڪپ چانهه جا ڪڍي اچي شام جي ڀرسان صوفا تي ويهي ٿي.)

شيلو - (مرڪندي) اهي اُس جي حادثي ۾ مئل سٺ ماڻهو توهانکان انشورنس ڪرائي پوءِ ٿي مرن ها ته.........

شام - (ٺهڪ ڏيندي) هنن جي گهر وارن سان گڏ و گڏ منهنجو به ڀلو ٿي پوي ها.

شيلو - ٻهران توهانجو ڀلو ٿئو هنن جي گهر وارن جي ڳالهه ڪريو.

شام - موت زندگيءَ جي حقيقت آهي. اگر هيءَ حقيقت هر ڪو هميشه سان هنڌائي ته منهنجو ڌنڌو ڏهن ڪروڙن تائين پهچي وڃي.

شيلو - ها، ها پهرين چانهه ته پيئو ٺڌي پاڻي ٿي ويندي. پوءِ ٿي هن انڪسيڊنٽ مان ڪا آئيڊيا ڪڍي ڌنڌي وڌائڻ جو سوچجو. موت جـو ڀوپ ڏياري وڌو وڌڻ ته توهانجو ڪم آهي.

شام - پر شيلو اڄ ڪلهه ماڻهن کـي ٿي ڇا ويو آهي. موت جـو لفظ ٻڌي اکيون ڦوٽارڻ شروع ڏا ڪن.

شيلو - (چانهه جـو ڪپ خالي ڪندي) اهان ان ڏينهن وٻاري منهنجي مسڪين ٻاءُ موهن کي

شيلو - ٻاهر جي دنيا! ڏاڍن جي ڪرمن ۾ سچو ڌيان ڏيڻ اهو ڪارو ڪڇڻ ٻئي نه آهي.

شام - اڙي، هڪ مدت نه ڳالهه ٻڌ.

شيلو - ٻر مونکي وچارجو نه. انهن ٻئي ڀيڻي ڀيڻي ٻڌايو ته ڇا ڇوٽو اٿو. اخبار ۾ ڪا انڪسيڊنٽ جي خبر نه نه آهي جو هيڏي رڙو رڙ لڳائي اٿو.

شام - اڙي واه! توکي ڪيئن خبر پيئي؟

شيلو - مونکي ٻ توهانجي خبر نه ٻوي! مان توهانجي رڳ رڳ مان واقف آهيان. ٻڌجو ته سال توهان سان شادي ڪئي ٿيا اٿم. ٻڌايو ڪهڙا ماڻهو هئا.

شام - اس ۾ جيڪي هئا، سڀ جا سڀ دڙڪتيءَ ڪي ٻراٻت ٿيا. ٻلا ٻل ٿان اس ڪرندي نديءَ ۾ نه ڪئي ٿو ڪوئي اچي سگهي!

شيلو - او رام رحم ڪر.

شام - شام تي رحم ڪندا تهءِ اگر هڪ ڪپ چانهه جو پيارينداءِ.

شيلو - هاڻي جو چانهه پيئو.

شام - ٻلبز هڪ ٻيو ڪپ ا.. ٽون ا.. ٻڌهجو ڪپ ڪٽي اچي مڌهجي ٻرسان وڃو..

شيلو - ٻلو، سدان تي ويو آهي. ٽيون ٽيار ٻيٺي اٿس. هڪڙي ا. سڀ هٿ تي ڪوي. جهڙو ٻاءِ ٿهڙو ٻت.

(فون جي گهنٽيءَ جو وڄڻ. شام اُٿي فون کڻي ٿو.)

شام- هلو گڊ مارننگ، ڪير راڻي رهيا ......
ٻـڌاءِ خبر، ڇا چيئه، هيڏين لـکن جي ٻـاليسي ......
اَڄ ٿي ۽ هاڻي ...... وڏــي ڳـالهه ...... گهڻي اچي
ٻهڄي وڃان ...... پوري ڏوڍن اچي تو کي گهر وٺان
ٻڪ اپ ڪريان ۽ پـوءِ پـالي هل هلڻو آهي ....
چڱو چڱو ...... مان ٻهڄي ويندس. (فون جو چوغو
هيٺ رکي) شيلو، او شيلو، پاڻي جلدي ڪر هاڻي
ٿي وڃڻو آهي.

شيلو- (رنڌڻي مان ٻـاهر اچي) ڇا هٿن ٿي
ڪهڙن سان ويندا؟

شام- اڙي پاڻي، ڏيڍن لکن جي پاليسي ملڻي
آهي. اِها مسز راڻي رهيا ۽ عجيب آهي. ڇهه مهنا
ٿيا اٿس اِيڏسي ڪڏهن ۽ ڏيڍو ٻه، لکن جو ڏنڊ و ٺـ،
ڪري چڪي آهي.

شيلو- مان سڀ سمجهان ٿي تو ڳالهه ڪي. راڻيءَ
جو ٽالو ٻڌو نه آهي نه واسطو پاڻي آهو نه آهي.

شام- اڙي ڀڳوان! تـو کي خبر نـه آهي اِهي
شڪ شبها ڪڏهن ويندا، ٻيا اچي ٿي آهين تر
اڃان ڏاڻين ... تو ڪا تو ڪا ......

شيلو چڱو، و نو هيءَ ٽوال، جلدي سنان ڪري

موت جو پوت ڏيکاري پنجويهن هزارن جي پاليسي ورتو، هن جي نوڪري هاڻي ته لڳي آهي.

شام- اڄ هتي روز ٿا اسين ٻه ٽـــرڪن جا ٽڪر ٽين. موت کي مٿي ۾ ٻڪڙي اسين مرد ٿا پنهنجن ڪمن تي وڃون. ڪڏهن ته اها مٿي ڪٽي، ڪا خبر ئي ڪانه ٿـــي پوي. موهن نه مهنجو ننڍڙو ننڍڙو پيارو سالو آهي، هن جو خيال مان نه ڪندس ته پيو وري ڪير ڪندو.

شيلو- (انڊي) اهڙي واتي نه نه ڪيو مهنجي پاڻ لاءِ.

شام- اڄ مان نه هن جي عمر وڌائـــي رهيو آهيان.

شيلو- عمر وڌائڻ جا توهانجي هٿ ۾ آهي؟

شام- اصل ۾ جيڪي انشورنس ڪرائيندا آهن انهن جي عمر وڌي ٿي وڃي آهي جو هن لاءِ ايل. آء. سي ۽ ايجنٽ، مالڪ کان دعائون گهرندا رهندا آهن. هن جو نه ان ۾ فائدو آهي.

شيلو- اس اس، ٽـــوهانجي ڳـــالهين ۾ وڃي رهندس ته مهنجي رنڌڻي ۾ رولو پئجي ويندو. ٻپهر سارا ڪم پيا آهن. (ٽورو رکجي) ها، پڇاڻو اڄ توهان گهڻي اچي ويندا؟

شام- اڄ ڪاتي ۽ اپائنٽمينٽ ڪونهي. روٽي پاڻي ڪاٽي ٽڪرائندس.

شيلو - ڪم اهڙو هجي جو گراهڪ در تي اچي ۽ نه هجي در تي ويٺو رهجي.

(شام جو ليار ۾ اندر اچڻ.)

شام - شيلو، مان نه هلان ٿو.

شيلو - اڙي ڇڏيو ڇا ٿا؟ اهو آمليٽ ٽوسٽ وري ڪير کائيندو؟

شام - مان جي کائڻ ويٺس ته منهنجو ڌنڌو چوپٽ سمجهه، هيڏو وڏو ڌنڌو ملي ويو ته منهنجو پيٽ پنهنجو پاڻ ڀرجي ويندو.

شيلو - پر انشورنس آفيسر، توهانکي پنهنجي پتنيءَ سان شام جي اپائنٽمينٽ ياد ئي ڪونهي.

شام - اڙي ساري، مونکي ته بلڪل ياد ڪونه هئي. ڇهين واري شو جون ٽڪيٽون آهن نه. بس ڪو خيال نه ڪر. مان ڪلاڪ اڌ اڳ ئي پهچي ويندس، تون ليار ويٺي هجج.

شيلو - مان ليار ٿي، توهانجي ناليءَ جي مالا وٺي جپيان ۽ توهان غائب هجو، ڪڏهن اچڻ سان وٺي دل لڳي ڪجو يا ڪڏهن بار ۾ وسڪي يا ٿيٽر ۾ مستان هجو.

شام - نه نه، ائين وري ڪيئن ٿيندو!

شيلو - ٿيندو وري ڇا، ٿيندو رهيو آهي، گهڻيئي دفعا. اجايو ٿا ٻار اڳيان واڇ کولايو.

شام - بس بس، مان ايندس هنڊريڊ ون پرسينٽ.

(شام جو ٻاهر نڪرڻ ۽ پردو ڪرڻ.)

تيار ٿي وڃو ته، مان توهان لاءِ ٽوسٽ آمليٽ ٺاهي وٺان.

شام- گڏجي ؛ ڪچو ڪٿي آهي ؟

شيلو- اهي ٻئي توهانجي ڪلهي تي لٽڪائي ڇڏيا اٿم. ڇتو ته هاڻي ٻاهر روم ۾ ڏيکاريا اٿو.

شام- (کلي) اهو ڏٺو اٿم. توهان تڪليف نه ڪريو.

(شام جو وڃڻ.)

شيلو- (پنهنجو پاڻ کي) ڇا ته عجيب ڪم ڪندو آن. مونکي ته پاڻ سان گڏ رولي رکيو اٿن.

(ٻبلوءَ جو پرويش.)

ٻبلو- ممي او ممي، مونکي جلدي ناشتو ڏي. اَڄ ڪاليج ۾ دير ٿي وئي آهي.

شيلو- سڀ گهوڙي تي ڇا چڙهي اچن.

ٻبلو- ممي، مان ڪڏهن گهوڙي تي چڙهي ايندو آهيان. منهنجو ته وقت مقرر ٿيل آهي. هن ئي مهل مان روز ڪاليج ۾ ويندو آهيان.

شيلو- پٽڙا، توکي ڪير ٿو چوي، توهان ته منهنجو سڀ ڪو پيارا آهين. اهو ئي پڇڻ لاءِ، اس ڇا چوان ....

ٻبلو- ها ممي، پاپا جو ڪم مونکي به نه وڻندو آهي. ماڻهن کي سڄو ڏينهن ويٺو مسڪا هڻ. پيسا اهو به ڪوئي ڌنڌو آهي!

شيلو- هُو ويچارو پرديس ۾ انجنيئرينگ تي پڙهي ته هن مٿان پئسو ته هارائڻو پوندو ۽ ٿورن ئي، اسانکي گهٽ خرچ نٿو ڪرائين.

ٻلو- پپا جو غصو مونهنجي مٿان ڇو ٿي ڪڍين ممي؟

شيلو- مان سچ ٿي چوان ٻلو، ڀلا جڏهن گهر ۾ اڳ ۾ ئي هڪ ڪار آهي، اُهو ء هيڏو ضد ڪري هيرو هونڊا ڇو ورتئه؟ پئسا ڇا آسمان مان ٿا ڪرن، اهي ڏينهن رات هڪ ڪري پٽهين ڪـــي ڪمائڻا ٿا پون.

ٻلو- ها ممي مڃيم.

شيلو- (گهڙيال ۾ وقت ڏسي) ٻوڏا ڇهه ٿي ويا، اڃان تائين هن جو پتو ڪونهي.

ٻلو- ممي، پپا کي اَڄ پڪ ئي ڪو تازو مرغو ملي ويو آهي، هنکي ڪٽڻ ويا هوندا.

شيلو- بس، اچڻ ڏين اَڄ گهر ۾.

ٻلو- ممي توکي ياد آهي ته مونهنجي ڪاليج جي داخلا وقت پپا ڪيئن مونکي ڪاليج ۾ موڪلي، پاڻ ڪنهن گراهڪ جو انشورنس ڪرڻ وڃي رهيا هئا ۽ پلجي ويا هئا ته مان هن لاءِ جڏهن ڪاليج جي آڳنڌ ۾ اڪيون پائي ويٺو آهيان.

(دروازي جي گهنٽيءَ جو وڄڻ.)

نظارو ٢-

(ٻوڙو ڪاڪدي شيلو اسٽيج تي هيڏانهن هوڏانهن قيرا پائيندي نظر اچي ٿي.)

شيلو - (پڇهڙو پاڻکي) سايا پنج ٿيا آهن، پر سيٺ صاحب جو پتو ندارد، اس گهر ۾ اچڻ ڏينهن ته کبو و تانس.

(پٺي ڪمري مان ٻبلوءَ جي پوش.)

ٻبلو - ممي، پپا جو اجايو انتظار ٿي ڪريان. مان ته چوان ٿو ته هنکي ڪهڙ ياد ٿي ڪو نه هوندي.

شيلو - ٻبلو!

ٻبلو - جيءَ ممي.

شيلو - تون مهرباني ڪري منهنجي ذهن لسي اوڻ نه اُڀرڪ.

ٻبلو - منهنجي مٺي ممي، مان پپا جي ڳالهه ٿو ڪريان، سڀو ڏينهن اس، ڌنڌو، پئسو، پئسو، ٻيو ته ڪجهه ياد نه اٿن.

شيلو - (ڪاوڙجي) ۽ اهو پئسو آهي صرف توهان لاءِ ٿا ڪمائين، توهانجي ڳالهي پڻ خرچن جي پورت ڪرڻ لاءِ هين ڪي هيڏو ڪم ٿو ڪرڻو پوي.

ٻبلو - منهنجي خرچن جي، واهه ممي واهه، منهنجي وڏي پٽ دليپ لاءِ ٿا پاڻيءَ جيان پئسو هارين ۽ نه منهنجي مٺان.

شيلو- اهي ڪار ۾ پاڻ سان وٺي اچن ٿا.

ليلو- ڪار ڪانسواءِ ٻاهر چري ٿي. نٿي سگهين. سڄي مهنجي گهر ٺائين ٿس آهي. غريب پيءُ جي سڪ ئي نٿي لڳيئي.

شيلو- نه نه پيءُ اٿين نه آهي.

ليلو- اٿين ٿي نه آهي - هوشيار شاهوڪار ٻٽي مليو اٿيئي. ٿوءِ ته هن مٿان سدا ناراض لڳي ٿيئي آهين. موڪي ڏس، ڪيئن ٿيئي هلان. مرد ۾ ڪائي چالاڪي ڪونهي. اس آفيس جي ٻ ٿوني ٿوري ڪري اچي گهر ۾ ويٺو آهي. گهڻا لڳا علاج ڪيا انهنانس ته شام وقت واهي جي انجمسي ڪڻ، خوب ڪمائيندين. ليڪن مهنجو چوڻ جڻ ته پٿر تي ڀاڪي هارڻ مثل آهي.

شيلو- دادا، انجمسي ڪٺن ٿي، اهي ته هنکي ضرور مدد ڪندا.

ليلو- ٿر مهنجي ٻڌي ڪير ٿو، ها ٻــر وڏي آس اٿم ٿمن ٿڙي ۾. هوُ شام جيان چالاڪ آهي. ٿو ٿيون پڙهائي ماٺهن جو واهو ڪري ايندو.

شيلو- ته ٿمن کي انجمسي ڪٺاهه.

ليلو- اڙي هنکي ٿمهنجي پتار جيان ڊپوٺميمنٽ آفسر ڪندس. اجهو درخواست لکي ڪٺي آئـي آهيان شام کي ڏيڻ لاءِ.

شيلو - (خوش ٿيندي) اچو اچي ويا (ٻ ڪ
ڀاڻي دروازو کولي ٿي ۽ ليلوءَ کي سامهون ڏسي
هڪدم ٻڪي ٿي وڃي.)

شيلو - ليلو، تون هن وقت!

ليلو - ها، ها ڇو، واڙي ڇو ٿي وئي آهين؟

شيلو - اڙي آئي تون، ائين ڇو آهين، وڃي
رهي آ.

ليلو - پت ساٿيئين نه ٺيڪ آهي نه؟

شيلو - ها، ها، بلڪل ٺيڪ آهي. اصل ۾ هن کي
ٻيا اڄ دوکو ڏنو آهي، ٻڪڙ ڏيکارڻ جو واعدو
ڪري، ڪٿي وڃي رهيا آهن.

ليلو - اها ڳالهه آهي (شيلوءَ کي ڀرواڙون
پاڻيندي) اڙي ڇري، اهڙن ننڍن ننڍن ڳالهين تي
وڃي سوچيندين ته، گهر گرهستي ڪيئن هلندي.
وڃ ته ڳالهيون ٻوليون ڪرايون.

(شيلو چپ چاپ ٻيهي سان صوفا تي وڃي
ٿي رهي.)

ليلو - اڙي، اڃان ڪهڙو موٽ نه ٿيو آهي.
توو ته گهر ۾ وٽاو موجود آهي، توکي ٻاهر اٿڻ
۾ ڪڙو ڏسڻ جي ڪائي ضرورت نه ڪانهي.

شيلو - گهر ۾ وڃي وڃي اوڙ ٿي ٿي وڃان.

ليلو - پوءِ هلي اچندي ڪر موڻ وقت.

شيلو — اڄ ٽو نه دوست سان پڪچر تي وڃڻ جو پروگرام اڳيئي ٺاهي آيو آهين.

(فون جي گهنٽي وڃي ٿي ؛ ببلو اٿي فون کڻي ٿو.)

ببلو — ممي ، پاپا جو فون.

شيلو — تون ٿي ڳالهائيندس. مان ڏاڍي غصي ۾ آهيان، کڻي نه ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهائي ڇڏيانس.

ببلو — ها، پاپا، ممي ڪچن ۾ آهي، ڪو نياپو ڏيڻو اٿو، ها، ڇا چيئي، تو هان گهر دير سان ايندا ...... ڪو ضروري ڪم ٿي پيو اٿو ...... رو ٽي پاڻي کائي ايندا ...... کائي ڇڏتا نه، ڪري .... چڱو مان چوندو سانس.

شيلو — (واڪو ليندي) مان سڀ سمجهان ٿي ڇو دير سان ايندا. مان هن جي رڳ رڳ مان واقف آهيان.

ببلو — ممي پليز، پلا ٽڪيٽون نه ڏي نه ڦاڙي.

شيلو — (ٽڪيٽون ڦاڙيءَ ٿي ڦٽيون ڪندي) هان وٺ.

(ببلوءَ جو ٽڪيٽون کڻي ٻاهر وڃڻ.)

ليلو — (پيڻ جا وار اساڙي) منهنجي منڙي شيلو، مردن کي ڇڏڻي ڏيو آهي. جيترو هدن جي ٻنيان وڃبو

ببلو- (وڇڙ) آنٽي او آنٽي.

ليلو- ڇا، پٽ.

ليلو- آنٽي اگر منهنجو چوڻ مڃين ته، ٻين لاءِ ٻيو ڪو ڪم ڳولهه. اهو ته، ٻيو ر مسڪا پالسيءَ جو ڪم آهي.

شيلو- ببلو، مهرباني ڪري تون پنهنجو منهن بند ڪر، پنهنجو ٻيءَ ڇا سڄو وقت مسڪا ماريندو آهي. پنهنجي پتا لاءِ ائين ڳالهائيو آهي، ماڻهو خود به ته هن وٽ واهي ڪرائڻ لاءِ ايندا آهن.

ببلو- ممي، تون به ته پپا لاءِ ائين چوندي آهين.

شيلو- مان ڀلي چوان.

ببلو- ساري ممي، ڀلا ائين چوان ته جيڪو پنجويهه چوي تنهن کي پنجاه ۽ جيڪو پنجاه چوي، تنهن کي لک، جي پاليسي ٺهيندا آهن.

ليلو- پٽ ايا ته، آهي زبان جي چترائي، هٿ کي صفائي، اهو ڏانءُ ته ڪو پڙهين ڪان سگهي.

شيلو- (ڪاوڙجي ڏائين ڏسندي) ڇهه لڳي ويا. ٽڪچر شروع ٿي ڪي وئي. هاڻي اٿي ٽڪيٽون ٿي ڦاڙيان.

ببلو- ممي ٽڪيٽون ڦاڙڻ ڇو ٿي. منهنجي حوالي ڪر ته، مان دوست سان ٽڪچر ڏسي اچان.

شيلو — اڄ تو نه دوست سان ڪٿهر ٿي وڃڻ
جو پروگرام اڳيئي ٺاهي آيو آهين.

(فون جي گهنٽي وڄي ٿي ؛ ببلو اٿي فون
کڻي ٿو.)

ببلو — ممي، بابا جو فون.

شيلو — تون ئي ڳالهائينس. مان ڏاڍي غصي ۾
آهيان، ڪٿي نه ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهائي ڇڏيانس.

ببلو — هائو، بابا، ممي ڪمن ۾ آهي، ڪو نياپو ڏيڻو
اٿو، هائو، ڇا چئبو، توهان گهر دير سان ايندا ......
ڪو ضروري ڪم ٿي پيو اٿو ...... روٽي ٻاٽي کائي
ايندا ...... ڪائي چنتا نه ڪري .... چڱو مان
چوندو سانس.

شيلو — (وار ڪوليندي) مان سڀ سمجهان ٿي
چو دير سان ايندا. مان هن جي رڳ رڳ مان
واقف آهيان.

ببلو — ممي پليز، پلا ٽڪيٽون ته ڏي نه هاڻي.

شيلو — (ٽڪيٽون ٽپائيءَ تي ڦٽيون ڪندي)
هان وٺ.

(ببلوءَ جو ٽڪيٽون کڻي ٻاهر وڃڻ.)

ليلو — (پيڻ جا وار اساڙي) منهنجي منڙي شيلو،
مردن کي ڇڏي ڏيو آهي. جيترو هن جي پٺيان ويندو

ٻٻلو - (وڇڙ) آنٽي او آنٽي .

ليلو - ڇا، ٻچا .

ليلو - آنٽي اگر منهنجو ڇوڪرو مڃين ته، ٻين لاءِ ٻيو ڪو ڪم ڳولهه . اهو ته، پيرو مسڪا پالش جو ڪم آهي .

شيلو - ٻٻلو، مهرباني ڪري تون منهنجو مٿو نه رکي، منهنجو پيءُ ڇا سڄو وقت مسڪا ماريندو آهي . منهنجي پتا لاءِ انهن ڳالهائڻو آهي، ماڻهو خود ٻه ٻه هن وٽ وهمي ڪرائڻ لاءِ ايندا آهن .

ٻٻلو - ممي، تون ٻه ته ٻيا لاءِ انهن چوندي آهين.

شيلو - مان ٻلي چوان .

ٻٻلو - ساري ممي، پلا انهن چوان ته جيڪو پنهنجو ٻوٽ ڇوي انهن کي پنهنجاه ۽ جيڪو پنهنجاه ڇوي، انهن کي لڪ جي پالش ڏيندا آهن .

ليلو - پت اها ته، آهي زمان جي چتراڻي، هاٿ کي صفائي، اهو ڏاڍو ته ڪو پٺهين ڪان سکي.

شيلو - (گهڙيال ڏانهن ڏسندي) ڇهه لڳي ويا . اسڪول شروع ٿي، ٿي ويو . هاڻي اٿي اسڪيٽون ٺي ڦاڙيان .

ٻٻلو - ممي اسڪيٽون ڦاڙيان ڇو ٿي . منهنجي حوالي ڪر ته، مان دوست سان پڪچر ڏسي اچان .

آهي. اِس هڪ ئي اُس "شام ڪيسواڻي گهر ۾ آهي." ۽ اگر نه هجي ته ٽا فون هيٺ، مان ڇا مري وئي آهيان.

ليلو – پاڻي مونکي ته ٿهڻجون ڳالهيون سمجهه ۾ نٿيون اچن، ٽورا سال اڳ، به ته هنجي ايڏيت مٿان ٽو الزام مڙهيا هئا. ڇا ناڻو هو هنجو، ها، اروتا ڏيکاري. ڳالهه ڪجهه به ڪانه هئي ۽ جڏهن هوءَ اهڙيسي ڇڏي وئي تڏهن وڃي ٽوکي آرام آيو هو.

شيلو – ۽ هن ڪليائيءَ جي ڳالهه ته سچي نڪتي هئي نه؟

ليلو – شيلو، مونکي ته خبر آهي نه. ٽون شروع کان شڪي سڀاءَ جي آهين ۽ مٿان ٽوکي گهوٽ به وچي ايل. آء. سي جو ڊيولپمينٽ پي ايڪ آفيسر مليو آهي. هنجو ته ڪم ئي آهي سڀني ڪي ڪلپ ڪيڪارڻ، پوءِ عورت هجي چاهي مرد. ٽ نڌي وڌائڻ لاءِ راتجو ڏهه سان اچڻو پوي ٿو. ماڻهن کي ڪمري ڏيڻ لاءِ هڏن سان گڏ وڃي ڪاٽڻو پيٽڻو پوي ٿو. ڪڏهن ڪا ڇڪي چاڙهي آيو ته ڏوهه ته ڪونه ڪيائين.

شيلو – جڏهن کي اڳي ٿهن کي خبر پوي.

ليلو – مان ته صلاح ڏيان ٿي. ٽون اجايو پهنجي

اونرو آهي ٻـري پچندا آهن ۽ ٻـري کبو نه پيا
ڇنبڙندا آهن.

شيلو ـ ٻر اهو ڪوڙو هدن سان نڙو لڳي، اهو نه
مان هدن کي پڪڙي وٺي آهيان، نه نه لسرڪڻ ۾
ڏاڍو ڏي ڪونه لڳندس.

ليلو ـ هل ڇري، هن عمر ۾ اهي شوق هوندا
آهن ڇا.

شيلو ـ مهنجو مڙس نه خبر ته مونکي هوندي نه.

ليلو ـ اهڙي ڪا ڳالهه ڏني انيٽي ڇا شام ۾؟

شيلو ـ ڏسي ڏسي نه وڏي ٿي آهيان. هاڻي نه
صرف شڪ آهي.

ليلو ـ اڙي، اڄي جوانيءَ ۾ ٻـي ڳالهه هئي، هاڻي
نه شام کي به اچا اچي ويا آهن، اجايا شڪ ته ٺيڪ
نه آهن.

شيلو ـ هڪ دفعو صرف هن راتيءَ سان مڪاميلو
ٿي ويو، صبح کان هدجي فون جي انتظار ۾ ويٺا
هوندا آهن.

ليلو ـ اها راتي وري ڪير آهي؟

شيلو ـ هدن جي نئين اڇندت.

ليلو ـ اڇندت آهي نه ضرور فون ڪندي، ان ۾
ٻري کهڙي ڳالهه آهي.

شيلو ـ مان فون ڪٽان نه مونکي مهن چو نه ڏيندي

شيلو - پر توهان پيتا ڇو آهيو، ويهو نه.
چا پيئندا.

راڻي - وسڪي پيئڻ ڇڏي مان سڀ پيئندي آهيان.

شيلو - (اٿندي) چانهه يا ڪافي هلندي.

راڻي - ٻئي چانهه هلندي ۽ ڪافي ٻوڙندي.

شيلو - توهان ته سٺو مذاق ڪري ٿا ونو.
(پنهنجو پاڻ کي) اهڙن نازن ۽ نخرن سان منهنجي
شام کـي وس ۾ ڪيو آهي، مـان تـه سڀ
سمجهان ٿي.

(ليلو ۽ شيلوءَ سان گڏ اٿي ٿي. ٻئي پيئڻ ڪمري
۾ ويهي سس پس ڪن ٿيون.)

ليلو - اڙي ڇوري، تون هن وڏي ماڻهوءَ جي زال
تي شڪ ڪرين ٿي.

شيلو - وڏي ماڻهوءَ جي زال!

ليلو - ها، ڇوري، هن جو مسٽر تنهنجي جيجاجيءَ
جو پاس آهي. هو ڪمپنيءَ جو ڊائريڪٽر آهي.
هن وٽ موٽر گاڏيون، نوڪر چاڪر، محل ماڙيون
سڀ آهن.

شيلو - اچا!

ليلو - مسٽر رهيجا ڪلمڪر، ڏسڻو وائسٽو ۽ ٺاهوڪو
جوان آهي. تنهنجي شام کان ته وڌيڪ ......

مرد تي شڪ شبها نہ ڪر. ٻن جوان ٻچن جي ماءُ ٿي آهين، ڪجھ نہ سمجھي سگھ.

شيلو - چڱو ڀلا، خدا لاءِ. تون ڇا ڪانئيندڙ ٻن ۽ ٻيئندڙ ٻن ؟

ليلو - جيڪي آ، وٺيئي.

شيلو - گجرن جو سيرو ليار ٻيو آهي.

ليلو - موالڪي لاءِ گجرن جو سيرو مليو لاءِ سڀ ڪجھ مليو.

(دروازي جي گهنٽي وڄي ٿي. ليلو اٿي دروازو کولي ٿي.)

ليلو - شايد، تنهنجو شام سيٺ نہ اچي ويو.

شيلو - اڙي توهان!

شام - ها، ٻارني اپائنٽمينٽ هوندي آ، ڪسڪي ويو. رستي تي هن (ساڻ آيل عورت طرف اشارو ڪندي) ضد ڪيو تہ ٻڌهڃي ٻنڌيءَ ساڻ ملاقات ڪراءِ.

عورت - ٻاٻي نمستي.

شام - خدا نہ هيءَ ڪير آهي.

شيلو - ڪئي صبح مردان جو فون ڪرڻ واري والٽي رهيا نہ ڪانهي.

راٽي - توهان ٺيڪ سڃاتو ٻاٻي.

شيلو- اسين ٿورو وقت اڳ ئي ويٺا آهيون.

راڻي- سچ. ڀلا (ليلوءَ ڏانهن اشارو ڪندي) هن سان منهنجي واقفيت نه ڪرائيو.

شام- هيءَ آهي منهنجي سڪيلڌي وڏي سالي، شريمتي ليلان چيلا راماڻي. وڏي يعني تنهنجي ڀاڀيءَ کان ٻه سال وڏي ۽ مون کان ٻه سال ننڍي.

راڻي- واه ڀائي ساليون ته سڀنهن کي ئي پياريون ٿينديون آهن.

(سڀني جو ٽهڪڙن ۾ ٻوڙ.)

شام- ڀلا ٻڌاءِ تـه مسٽر رهيجا کـي گهڻيون ساليون آهن؟

راڻي- هڪ به نه. انڪري ته مون سان وڌيڪ پيار اٿس.

(وري سڀني جا ٽهڪ.)

ليلو- ڀائي تون ته سڀني ٽائيم پـاس آهين، منهنجي ڀيڻ جيان ڪلهه.

راڻي- ته ڇا توهان منهنجي ڀيڻ کي سڃاڻو؟

ليلو- ها، هوءَ هن جي ڪمپنيءَ ۾ ٽپي ته ڪم ڪندا آهن.

راڻي- اڙي ڀائي، هيءَ ته ڇپو رستم نڪتي.

ليلو- مون توهانکي ستيہ نارائڻ جـي ڪٿا تي ڏٺو هو.

شيلو - بس بس. اگر ائين آهي ته جو ٽُس ڪسي ڪهڙي ڳڻتي آهي ايڏسي ڪٽڻ جي. ڳڻسي جي ضرورت ڏا ٻيو ڪجهه ....

ليلو - اڙي شيلو! تون تنهنجي شام کي ڪانه ٿي سڃاڻين. چالباز ٻئين نمبر جو، ويو نه مليو هو ڏس سو اهڙسي ونئي آيو هوندو. هٿين خالي اچڻ جي جو عادت ڪونه اٿس. اهو سڀ تنهنجي ڪرشن جو ڪرشمو آهي.

شيلو - ڪرشمو!

ليلو - ها، ها، اُن کي اَڄ جي زماني ۾ چالاڪي چون ٿا. اهڙي ماڻهوءَ کي چالو. چالو ئي ته اَڄ مال ڪمائين ٿا، ناڻو ناهين ٿا.

شيلو - ته منهنجو شام چالو آهي.

ليلو - صرف چالو، اڙي پاڻي هڻي ته... مها چالو آهي.

(ٻئي پيڙ هلڪو مرڪن ٿيون)

ليلو - شيلو، ڪافي!

شيلو - ڪافي ته تيار پئي آهي. شام لاءِ ناهي ٿرماس ۾ وجهي رکي ڇڏيم، اجهو ڪڍي آڻيانس.

(شيلوءَ جو ڪافيءَ جا ٻه ڪپ ٽري ۾ ڪڍي اچي ٽماڻيءَ تي رکڻ.)

راڻي - ڇو ڀائي ٻه ڪپ؟

شام – واهه رحمدل پيءُ! تڏهن ڪميشن ۾ پاڻ کي ڏيندي ڪر.

راڻي – تنهنجي پيءُ کي هميشه ڏيو آهي، ونجو ڪڏهن به نه. اهو ته پاپ جو ڪم آهي. الٽو توهان پنهنجي ڪمائي ۾ مونکي ڏيندا ڪريو.

شيلو – واهه منهنجي نخرالي نراڻ، تون ته ڏاڍي چالاڪ آهين.

شام – ۽ مان!

ليلو – توکي ته جوٽي چالو چوندي آهي.

راڻي – سچ، مسٽر رهيجا به، هنکي چالو ٿي چوندو آهي. هنکي اهڙيون ته ٻه ٻيون ڳوڙهائين جو هڪ مهني ۾ ان لکن جي پاليسي ۽ ٻئي مهني ۾ جوءِ جي اپڄسي ڏنائيدس.

ليلو – ته مسٽر رهيجا جي اکين ۾ سومو پاڻي ويو.

راڻي – هوءَ چوي پيو ته اهڙو ماڻهو اگر ٻئي ڪنهن ايٽيس ۾ هجي ها ته لکن ڪروڙن ۾ لڏي ها! اصل ۾ گهر جي پير کي ڪير نه پڇندو آهي.

ليلو – (ڪلهندي ليلوءَ کي) ڏس چريي، تنهنجي شام جي پاري ۾ پين جو ڇا راڻو آهي، پر تنهنجي لاءِ ته ... سچ ڇا چوان ...

شيلو – اڙي گهر جي مرغي ....

شام – دال برابر.

(سڀ اچي ٽهڪڙن ۾ پون ٿا)

(پردو ڪري ٿو)

راڻي - توهان اڄڪين سال جي ڳالهه ٿا ڪريو.

ليلو - هائو برابر.

راڻي - تڏهين ته توهان منهنجي پاسي آهيو، هن پاسي نه.

ليلو - نه پاڻي ٻنهي پاسي. توهان منهنجي پيٽ ٻچي وڃو.

شيلو - ليلوءَ جي پيٽ ٻڌي منهنجي ان پيٽ ۾ اهو نئو هن جي ساڻي. نه بلڪل نه.

ليلو - اڙي چو نه.

شيلو - سالي آڌي گهر والي، نه بابا مونکي منظور نه آهي. مونکي ته ڪٿي پياري نياري ٻراڻ.

راڻي - منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي اٿو. مان ته آهيان ٿي مسٽر ڪيسواڻيءَ جي نڊي پيٽ ۾ ڪيس چوندي ته پاڻو پاڻو ڪري آهيان.

شام - پاڻي مونکي چوليون گهاڻي ۾ وڃو، پيٽ کي نه ڏٻٽو پوندو ساليءَ ڪان ڪسي قري ڪائي سگهان ٿو.

شيلو - توهان اُن جي پرواه نه ڪريو. مان ڏٻدٻسانس. جتي هڪ ٻراڻ ناٽڪي آئي ابي راڻي.

شام - او. ڪي انگوبل.

راڻي - توهان اها ڳالهه ته چڱي طرح انگري ڪري چڪا آهيو. توهانکي پاڻ ٻطام الڏهن ته. توهان لي رحم آيو ۽ توهانجي اهڻت ٻڃي وڃو.

لڳل آهي. هڪ طرف Silence Please جو بورڊ لڳل آهي. ٿوڙدي ڪلاڪ تي هڪ نرس ڪرسيءَ تي ويٺل نظر اچي ٿي. هوءَ فون تي ڪنهن سان ڳالهائي رهي آهي.

(ايتري ۾ دروازو کلي ٿو. هڪ وڏي عمر جو مرد ۽ استري اندر اچن ٿا.)

نرس: (ٽيليفون جو رسيور هيٺ رکي) ڇٽو.

مرد: ڪو ٻڌايو ڪشور رهيجا جنهن جو اڄ شام جو موٽر انڪسيڊنٽ ٿيو آهي، ڪهڙي روم ۾ رهيل آهي.

نرس: او هان هن جا ...

مرد: مان هنجو سهرو سدو رومل ۽ هيءَ هنجي سس ستي آهي.

نرس: اڇا، توهانجي ننهن کي ڏاڍا زارود سٽ تڪ لڳا آهن.

سدو رومل: سسٽر! ٽنگون ٻانهون ته سلامت اٿس نه.

نرس: مسٽر! مان ڇا چوان، جڏهن رستي جا ماڻهو هتي کڻي آيا هئس تڏهن مٿو ڦاٽو پيو هئس ۽ ٻئي ٽنگون ڪٽيل هئس.

سدو رو ۽ ستي: (حيرت وچان) ڇا؟ ٻئي ٽنگون ...!

لڙڪ ۽ مرڪ

- ڪردار -

ڪشور ۽ ڪوِتا - هڪ جوان جوڙو
سيٺ ۽ سدورومل - ڪشور جا ماءُ ۽ پيءُ
لڇمي ۽ لالچند - ڪوِتا جا ماءُ ۽ پيءُ
هڪ نرس، وارڊ بواءِ ۽ ڊاڪٽر

آستان:

هڪ اسپتال جو نظارو.

وچ ۾ ملاقاتين لاءِ ٻه صوفا پيل آهن. انهن جي پرسان هڪ ٽي پائي پيئي آهي، ساڄي طرف هڪ ڪمري ۾ وڃڻ جو دروازو آهي. ان مٿان هڪ ڳاڙهي بتي ٻري رهي آهي. ان مان ظاهر آهي ته اهو آپريشن ٿيئيٽر آهي ۽ هن وقت آپريشن ٿي رهيو آهي.

اسٽيج جي وچ ۾ اندر اچڻ جو هڪ دروازو آهي. ٽيبل تي ٽيليفون رکيل آهي. سامهون پٺ تي هڪ گهڙيال لڳل آهي. ان ۾ رات جا ٨ لڳا آهن. گهڙيال هيٺان انسان جي بدني امداد جو هڪ فوٽو

سان وهانءُ ڪيو هـو ۽ نڪو هڻن جيان لـوڪش ڪيو هو.

سدورو: لوڪش نه چري، اوهان مڙهاڄ .

ستي: ها ها سمجهيم .

سدورو: ستي، سچ ته ڪشور جي هن نئين شادي ڪرڻ ۾ موڪلي ته ڏاڍي ونڪ آهي. پنهنجي ذات برادريءَ مان شادي ڪرڻ مان پيو مزو، مان تو شان آهي. ڪٿي اسين شڪارپوري ۽ ڪٿي ڪراچيءَ وارا چاڻـرو.

ستي: اڙي اهو ته گهٽو ڪاڻ وسين ۽ مٿان ڏيڻ ونڻ صفا بڙي. چون ته اسانجي چاڙن ۾ ڏيڻ ونڻ آهيٽي ڪانه. مائٽن کي جيڪي ٻڌي اهو ڏين. پـلا سدڌيءَ جي شادي هجي ۽ هيرا جواهر، مٺيا مڊيون، ولائتي ڪپڙا لٽا، ٽي. وي. فرج، سڪوٽر ۽ موٽرون نه هجن!

سدورو: سدوري، هاڻي اهي ڳالهيون ڇو ٿي ياد ڏيارين. پلجي وڃ، اسانجي نصيب ۾ نه هونديون.

ستي: (اکيون ڦوٽاري) ڇو پلجي وڃان؟

سدورو: ته پلا ياد ڪري ڇا ڪندينءَ؟

ستي: اڙي ڏسجو وڃنا . هاڻي موقعو آيو آهي . مان نه پهڙي کي ٻـي ونري وٺي ڏيندس.

سدورو: (وڏا ڪيي) ٻي ونري وٺي ڏيندس.

نرس: ها! ڏاڍي نازڪ حالت هئس، (آپريشن ٿيٽر ڏانهن اشارو ڪندي) ٿوري دير پهريان ڪيس آپريشن لاءِ اندر ڪڍي ويا آهن.

(پل پير لاءِ سدورومل ۽ ستي اٿي بيٺا رهن ٿا ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا رهن ٿا.)

سدورو: اسانجو ڇوڪرو ڪشور هتي آيو هو.

نرس: ها، هو خون جي الٽن جو بندوبست ڪرڻ ويو آهي. اوهان صوفا تي ويهي رهو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

(ٻئي هڪ صوفا تي ويهي رهن ٿا. پل پير لاءِ خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي.)

ستي: هيڏانهن پٽو نه.

سدورو: ها، ڇٽو.

ستي: هيڏي وڏي آپريشن مان ڇوڪري جڏي مدلي ٿي نڪتي نه؟

سدورو: ڇا ڪبو؟ جيڪا اسان جي ڪشور جي قسمت.

ستي: ڇو، ڪشور جي قسمت سان هن جي به قسمتءَ جو ڪهڙو واسطو.

سدورو- اهي ميان ٻيجي آهن. جيئن مان ۽ اون.

ستي: الاشڪ، پر اسان مائٽن جي رضامنديءَ

سوال آهي. توهان خون ڏيڻ چاهيو ٿا، توهانجي مرضي.

(نرس ڏانهن مخاطب ٿيندي)

ڊاڪٽر: بلڊ بئنڪ ۾ فون ڪري ٻڌ ته مريض جو گهوٽ خون جون ٻوتلون وٺي نڪتو آهي يا نه؟

(هوءَ واپس آپريشن ٿيئٽر ۾ هلي وڃيٿو.)

نرس: (فون گهمائي ٿي) هلو، بلڊ بئنڪ، ڏسو، اسان هڪ ايمرجنسي اڪسيڊنٽ آپريشن لاءِ هڪ ماڻهو، ٻه ٻوتلون A Positive بلڊ لاءِ توهان وٽ موڪليو آهي. ها، ڇا چيو، هوءَ ماڻهو بلڊ جون ٻه ٻوتلون کڻي ڪڏهوڪو توهان وٽان نڪري چڪو آهي. چڱو چڱو، ٿئنڪ يو.

(دروازو کلي ٿو. لعلچند ۽ لڇميءَ جو پرويش)

لڇمي: (وڏا واڪا ڪندي) اڙي ڇا ٿيو منهنجي ٻچڙيءَ کي، ڇا ٿيس. ڪٿي آهي منهنجي ابڙي، جلدي ٻڌايو.

نرس: ماسي، هيءَ اسپتال آهي. ڪو تنهنجو گهر نه آهي. ڏسين نٿي اندر آپريشن چالو آهي.

سٺي: (ٻاهريون افسوس ڏيکاريندي) ڀيڻ دلجاءِ ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اهو ته اڳيئن جنم جا ڪرم آهن جو...

لڇمي: آخر ٿيو ڇا آهي، منهنجي ڪو پتا ڪي؟

سٺي: پيو ته ڪجهه به نه، صرف ٻه ٽنگون ۽ مٿو.

اڄي پنهنجي پٽ جا حال ڏنا اٿيئي. زال پٺيان چريو آهي. سڄو ڏينهن پيو پٺيان ڦرموٽري جيان ڦري.

(اپٽري ۾ آپريشن ٿيٽر مان هڪ ڊاڪٽر ٻاهر نڪري ٿو)

ڊاڪٽر: سسٽر! خون آيو؟

نرس: اڃا نه نه آيو آهي.

ڊاڪٽر: هڪ ٻوتل جا اسان وٽ هئي، خلاص ٿي رهي آهي.

نرس: هن مريض جو مڙس بلڊ بئنڪ مان کيڏي دير اڳ خون وٺڻ ڏي ويو آهي. الائي ڇو نه پهتو آهي. مريض جا سس ۽ سهرو ساهوڙ ويٺا آهن. ڇو نه هنن جو بلڊ ٽيسٽ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ناءِ چانس ملي وڃي ته اسانجو ڪم ٿي ويندو.

(سدورامل ۽ ستيءَ ڏانهن مخاطب ٿيندي)

ڊاڪٽر: هلو نه توهانجو خون چيڪ ڪريون.

ستي: پر... پر... پر ڊاڪٽر صاحب مان خون... خون ڪيئن ڏيان. اسان نه پهريان ئي ڪمزور آهيون.

ڊاڪٽر: توهانکي ڪجهه ڪونه ٿيندو. توهان ڏسڻ ۾ ئي هٽا ڪٽا آهيو.

ستي: پر اسانکي بلڊ پريشر پڻ آهي.

ڊاڪٽر: ڏسو، توهان جي ننهن جي زندگيءَ جو

سدورو: سيٺ! سائين ڪندو. سڀ ٺيڪ ٿيندو، ڪو ٻتا ڪلهي خوش ٿي گهر ايندي.

ستي: (مڙس کي ٺونٺ هڻي) توهان تہ، چپ ڪري ويهو نہ، ٺيڪ ناڪ ٿي ڏوڙ ايندي. جڏي مڃي، اباڻج اٺجي گهر ايندي.

سدورو: آهستي ڳالهاءِ، ٻڌي نہ وٺن. مون تہ ڪٺي انهن ٿي چيو.

ستي: (آهستي) ڀلي وڃا ٻڌن نہ، مان ڪو هنن کان ڊڄان ٿي ڇا؟

سدورو: اڙي ڊڄان تہ مان بہ ڪونہ ٿو، پر ...

ستي: مان ڄڻ توهانکي سڃاڻان ڪانہ ٿي. هنن افعالن ڪري تہ ڪشور کي هٿن مان ڪيئي ڇڏيو؛ هوُ پيار جي شادي ڪري وٺو. توهان بہ اگر مون وانگر "ندو" اکر واري وهوها تہ هنکي کهڙي مجال هئي جو پنهنجي من ماني ڪري.

سدورو: ڇو ٿي ستل سوُر جاڳائين ستي؟

ستي: توهان هن لوَلي لنگڙي ننهن کي گهر ۾ رکندا؟

سدورو: ڳالهہ تہ سچ پچ ڳري آهي.

ستي: ڏسو، هن دفعي توهان وچ ۾ پنهنجي ٽنگ نہ اڙائجو. مان هن اباڻج کي اسپتال مان سڌو پيڪي موڪليندس؛ پوءِ ......

سدورو: پوءِ وري ڇا ڪندين؟

لالچند ۽ لڇمي : (گڏ) ڇا، ڀلا، ننگون ڪڍجي وڃن انس!

لڇمي : نه نه، اهو نٿو ٿي سگهي.

لالچند : (سدورمل کي) سائين، ڇٿو اهو سچ نه آهي.

سدورو : (سڀني ڏانهن نهاري، پل ڀر رڪجي) مان ڇا چوان ٻائي، سچ کي ڪوڙ ڪيئن چوان- ڪشور ويو آهي خون وٺڻ.

لالچند : (مٿي تي هٿ رکي) اهو ڇا ڪيئه ڀڳوان؟ اڄ مهنجو سڄو خون ڪيو پر مهنجي ڌيءَ نيڪ ڪيو.

لڇمي : (مٿي تي زور سان ڌڪ هڻي) اڄ مهنجي نياڻيءَ سان ڪهڙو ويل وهايئه، واهگرو اهو ڇا ڪري ڇڏيئه.

نرس : (چڙ ٻڌندي) مائي، مان توکي گهڻا دفعا چوان ٿي هتي آواز نه ڪجي.

(لڇمي نرس جو ٻڌو ان ٻڌو ڪري، زور زور سان پنهنجي ڇاتي پٽڻ لڳي ٿي.)

لالچند : لڇمي، شانت ٿي (ائين چئي هو ڪيس ٻانهن کان پڪڙي سامهون پئي صوفا تي وهاري ٿو، هن جون اکيون ٻه آليون ٿيل آهن.)

ڪشور: مون ته اڃا ٻاهين نه ڪوپتا ڪئي؟ ته ڊاڪٽر ڪئي ڏنو آهي. جيئن هتي آيس ته مون کي خون وٺڻ لاءِ موڪليو ويو، پر مون هڪ ڳالهه ضرور آهي ته هيءَ ڊاڪٽر ڏاڍو هوشيار آهي. هيءَ ته ٻنگن جا ڪمپائونڊ فريڪچرس آهن، پر هوءَ ته سوين ڀڳر ٽٽل هڏن کي جوڙڻ ۾ ماهر آهي.

لالچند: شل گرو بابا اسانجي نياڻيءَ جي رکشا ڪري.

(سامهون پيل صوفا تي ويٺل ستي سدورام کي چوي ٿي.)

ستي: ڏسو ته هن اپشرم ڪئي.

سدورو: وري ڪهڙو اپشرم آهي؟

ستي: اڙي، هوءَ تو هانجو لاڏلو. اڇڻ سان سس؛ سهري جو ٻاسو پڪڙي اچي ويٺو آهي. لڪ لعنت هجيئي مٺا.

سدورو: پر ستي تون هيٺوري جلد باڙي ڪندينءَ ته وڏو نقصان پهچائيندينءَ.

ستي: وري ڇاجو نقصان ٿيندو. اسانجو پيارو پٽڙو پل ۾ پرائو ٿي ويو، اهو ڇا گهٽ نقصان آهي. ڏسجو هاڻي مان ڪهڙي ٿي چال ڪيليان.

سدورو: تون خبر نه، ڪڏهن سمجهندينءَ. اڙي ڇوري اڃا ته انڪسيڊنٽ جا پٽا وصول ڪيا. (ڪيچ ياد ڪندي) ڪشور، او ڪشور.

ڪشور: جي ٻاٻي.

سٽي : پوءِ مان ڪشور کي ٻيو وهاڻ ڪرائيندي هئس، هڪ امير ۽ آڪاهٽي گهر مان - اسان ڏسجو ويٺا منهنجو تماشو. سڄو ٿيو جو ڪٽل جي ڏيڻ جو موٽر اسپتال ٿيو.

سدورو: اسپتال ۽ سڀاڳي انڪسيڊنٽ!

سٽي : ها ها، اهو ئي ۽ مون چيو.

(اٿئي ۾ دروازو کلي ٿو. ڪشور هڪ هٿ ۾ خون جي ٻوتلن جو پئڪيٽ کڻي اندر اچي ٿو)

ڪشور : سسٽر! هي ڏي خون جون ٻه ٻوتلون وٺو.

نرس : ڏاڍي دير لڳائي مسٽر ، خير.

ليچمي : پٽ نرس کي چئو ته صرف هڪ دفعو مونکي انهيءَ جي شڪل ڏسڻ ڏي.

ڪشور : ممي اندر وڃڻ جي ڪنهن کي موڪل ڪانهي .

ليچمي : پٽ صرف هڪ دفعو ...... (انهن چئي لڙڪن جون لهرون هنجي نيڻن جي درياهه مان وهي نڪتيون .)

ڪشور : ممي ، دل ننڍي نه ڪريو . (سڄوري ڏاڍين نهاري) لما ٿرهان ۽ ...

لاڇمڻ: پٽ چا ڪريان، گهڻو روڪيم ٿو ...

ڪشور : اوهين ٿئي انهن دل ننڍي ڪندا ته ...
(اهين چئي هو سس جي پرسان وڃي ويهي ٿو رهي).

ليچمي : پٽ، تو ڊاڪٽر سان ڪو پتا جي بارى ۾ ڳالهايو آهي ؟

لڇمي : پر اهي ڳالهيون پوء ڪانئس پڇيون ، پهرين منهنجي لاڏلي ٺيڪ ٿي وڃي .

(ايتري ۾ آپريشن ٿيٽر مان ڊاڪٽر ٻاهر نڪري ٿو. سڀني جون نظرون ڏانهس کڄي وڃن ٿيون.)

ڊاڪٽر : توهان هن مريض جا مائٽ آهيو؟

لالچند : هائو، ڊاڪٽر صاحب ! اسانجي ٻچڙي ته ٺيڪ آهي نه؟

ڊاڪٽر : هان، هاڻي ڊپ جي ڪائي ڳالهه ڪانهي. ٽڪ لڳڻ ڪري مٿي مان بي انداز خون نڪري ويو، اهو به بند ٿي ويو. هنجي جان ته بچي وئي پر افسوس جو ...

لڇمي ۽ لالچند : (گڏ) ڇا ڊاڪٽر. ٽنگون ته نه ڪٽيون ويون نه، جلدي ٻڌايو سائين .

ڊاڪٽر : نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه نه آهي. آپريشن سٺو ٿيو آهي پر مان ... پار ڪي ... نه ٻڌائي سگهندس ...

ڪشور : پار ڪي !

ڊاڪٽر : ها اهڙي جبري ٽڪ لڳڻ ڪري ڇهن مهنن جو پار ڪري ويس .

ڪشور : پر اهو ڪيئن ٿيو .

سٺي : ڪيئن وري ڪيئن ٿيو . اسانکي خبر ته آهي ته ڪويتا ڏينهن سان آهي . هيڏي لاپرواهي ، توبه مهراج .

ڪشور : مون کي به ته ڪائي خبر ڪانهي .

سدرو - (وڏي آواز سان) هن موٽر واري جي پوليس ۾ رپورٽ نه ڪئي اٿيئي نه؟

ڪشور: ها ڏاڍي، پوليس کي اطلاع ڪيو ويو آهي. آپريشن بعد مان اٿيس. آءٌ ۽ پنڊت ماسي لاءِ پوليس چوڪيءَ ڏانهن ويندس.

ستي: (منهن ٻي مٽ آڻيندي) لڪ پر نه واهه جو ملندا.

ڪشور: (ڪاوڙجندي) ممي هتي ڪوپتا جي جان وڃي رهي آهي ۽ توکي لڳي آهي پئسن جي.

ستي: (پونڊ وڏيندي) منهنجو نه، مٽي کي ڳالهائڻ ۾ ٽنبو وٺي. جٽيو موٽر، سوڙ ڪاڙا موڙ ۽ ٿي ويو آهي سس جو.

(پوليس جو ناٿو پڙهي نرس هڪ ٽڪل ڦاڙل پرس کڻي اچي ٿي.)

نرس: (ڪشور کي) پوليس آفيسر هيءَ هڪ پرس ڏنئي ويو آهي.

ڪشور: هيءَ نه ڪوپتا جي پرس آهي. ڇا نه پرس جي حالت ٿي آهي.

لاچند: اسانجي پڙهي جي ڇا حالت ٿي هوندي، هن پرس مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

(اچي ۽ لاچند جون اکيون پرجي اچن ٿيون)

ڪشور: اڄ نه ڪوپتا کي پگهار ملي هوندي.

(هو پرس ۾ هٿ وجهي پگهار جو پئڪيٽ ٻاهر ڪڍي ٿو.)

اها تون آهين. پاس تان نالو، انڊرپس ڏسي پوليس اسانکي هٿي اسپتال ۾ ٿي گهرايو.

لالچند: (مرڪي) اسان لاءِ تہ، اَج بيحد خوشي ۽ آنند جو ڏينهن آهي. هلو تہ هلي مهالڪشمي ۽ ساڌٻيلي مندرن مان ڪوئتا لاءِ مالڪ کان آسيس وٺون ۽ پوءِ ڪنهن سٺي هوٽل مان روٽي کائيندا گهر هلون.

ڪشور: مست آئيڊيا!

(سٺي ۽ سدوريمل ڪانسواءِ سڀ اٿن ٿا.)

سدورو: (سٺيءَ کي) هاڻي ڀلا هلندينءَ يا نہ؟

سٺي: (سدوريمل کي) ڪشور پيءُ، منهنجي تہ سيني اميدن تي پاڻي ڦري ويو.

(سدورومل ٿورو هلي، وري پٺيان نهاري ٿو.)

سدورو: (آواز وڌائي) اڙي اٿ نڀاڳي، نہ نہ سڀاڳي.

سٺي: توهان تہ منهنجي پٺيان هٿ ڌوئي پيا آهيو.

سدورو: توکي هن پاڪيٽمار جي واهي جي پئسن لاءِ ويهڻو هجي تہ ڀلي ويهہ، مان تہ وڃان ٿو.

سٺي: پاڻي هڪ مدت تہ، ترسي ڪانہ ٿو، اصل گهوڙي تي چڙهي آيو آهي.

(سٺي جيئن ٿي صوفا تان اٿي ٿي تہ ڦان ٿي پٽ تي ڪري ٿي پوي ۽ پڙڏو ڪري ٿو.)

❊❊❊

ستي: ۽ اسان سان بہ ڪوتا ڪڏهن اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪئي هئي.

سدورو: پر هيءَ پرس ۽ پاس بہ ڏسو، پوا پر ڪوتا جا آهن.

ڪشور: هائو ان ۾ تہ ڪوئي شڪ ڪونهي. مونکي تہ ڪجھ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. (ڪشور مٿي ڏي هٿ رکي و پائي ڏسو رهي. اتري ۾ دروازو کلي ٿو. هڪ جوان عورت اندر لنگهي اچي ٿي. سڀ کيس ڏسي حيران رهجي وڃن ٿا.)

سڀ گڏ: ڪوتا تون !!

ڪوتا: هائو مان جيئري آهيان.

(اچمي، لالچند ۽ ڪشور جا مکڙا چمڪي ٿا پون. خوشيءَ ۾ هدن جوون اکيون آنسن سان پُرجي پيون وڃن. اچمي تہ ڌيءَ کي ڇاتيءَ ٿسي پوي. ڪجھ دير خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي.)

ڪشور: هيءُ سڀ تماشو ڪيئن ٿيو. اندر آپريشن ٿيٽر ۾ ڪنهن ڪير آهي؟

ڪوتا: اهو مان ٿي ٻڌايان. هوءَ ساڳي پاڪيٽ مار هوندي. منهنجو پرس ڪٽي هوءَ دادر اسٽيشن تان ٻاهر نڪندي پئي. منهنجي چور چور، پڪڙو پڪڙو ڪرڻ تي حشام ماڻهن جا هنڪي پڪڙڻ لاءِ ڀڄان پيا. لڳيتو تہ هوءَ انهيءَ ڪار هيٺان اچي وئي آهي.

ڪشور: ۽ منهنجو پرس ڏسي اسان سمجهيو تہ

ليکا ٻاڻي رهيو آهي. ٻاڻ سان ڪچ سس ٻس ڪري
هو چشمو اکين تان لاهي ٽيبل تي رکي ٿو ۽ سڏ ٿو
ڪري — هري او هري.

جواب نه. ملڻ تي هوُ وري زور سان چوي ٿو —
هري اڙي هري، ڇورا ڪڏهن به ڪجهه وجهي وٺو
آهين ڇا؟

هري - (رنڌڻي مان آواز ڪري) اچان ٿو صاحب،
سڌو جي آواز به ٻڌڻ نه آيو. ڇاڻا رکي آهي،
ڪٿي ......

هاسارام- اڙي ڪاڻ هاوڙي. ٻيون هڪ مدت
هيڏانهن ته اَچ.

هري - (اندر اچي) ها، ڇٽو صاحب.

هاسارام- اڙي هيءَ ڇا، تون اڄان تيار ڪونه
ٿيو آهين. هتي گهڻن ڪوڙن سان مدهڻي اڳيان اچي
بيهندا ٻن ته گراهڪ ته پڇائي ڇڏ ٻڌ ڏين. اڳتين هڪ
هفتي کان ٻه ٻولي لڳي آهي. هت هتن ٽي رکي
وٺو آهيان.

هري - ها صاحب، ڪوڙا آهن ته ڪٿي. ٻه قميصون
۽ ٻه سٿڻون ته آهن. هڪ جان تي ٻيٺي آهي ۽ هڪ
ٻرانس آلي پٽ تي ٻيٺي آهي.

هاسارام- وري ساڳي ٻڪ. وڃ وڃي آلي ڏيئي
ٻاڻي اچ. ٻڌن جي گرميءَ سان سڪي وينديون.

★ ميان ٻيبي راضي ★

— ڪردار —

هاسارام - مئريج بيورو هلائيندڙ

هري - هاسارام جو نوڪر

مسٽر مٺي ۽ هن جي ذيءَ انيتا

مسٽر آلما ۽ هن جو پٽ امر.

آستان - هاسارام جو ٻن ڪمرن وارو فليٽ. ٻاهران ڪمري ۾ آفيس ٺهيل آهي جتي هڪ وڏو ٽيبل، ٻه ڪرسيون ۽ صوفا پيل آهي. سامهون واري ديوار تي وڏو جهوني زماني جو گهڙيال ٽنگيل آهي. گهڙيال جي ٻنهي پاسي کان ٻه تختيون لڳل آهن جن تي لکيل آهي: "سکي جيون جي ڪنجي آهي شادي." ۽ "هم دو هماري دو." ٽيبل تي رکيل ڪجهه جهونيون پراڻيون مخزنون، ٽيليفون ۽ هڪ ڪئلينڊر رکيل آهن.

پردي کلڻ تي هاسارام ٽيبل ڪئلينڊر ڏانهن ڌيان سان نهاريندو نظر اچي ٿو. هو پين سان تاريخن تي

هاسارام: هري ڏس ستن ڏينهن کان اوباسيون ڏيئي رهيو آهيان. نه ڪنهن جي مڱڻي ۽ نه ڪنهن جي شادي. هاء رام، ڇا اڄ زماني کي ٿيو آهي.

هري: ها صاحب برابر. اُن ڏينهن هرو ڀرو ساريءَ کان ڪنب وٽ ويو هوس ته هن به ساڳي ڳالهه پئي ڪئي ته جتي ڪنب جي ڳوٺ ٻن ڏينهن ۾ ڪمندي هئي اُتي هفتي ۾ ٿي ڪري، زماني کي ٻڙي لڳي وئي آهي.

هاسارام: اڙي ڇڙيا ڪنب جو شادين سان ڪهڙو واسطو. مٺن پيشان جي بيماري وڌي وئي آهي. انڪري ڪنب گهٽ ٿي ڪري.

هري: صاحب مهانگائي به ته ڏاڍي وڌي وئي آهي. هن مهانگائيءَ ڪري ڪنوارن پٽن جو انداز به ته ڏاڍو وڌي ويو آهي. توهان مونکي ڏسو، مان به ته هن ٣٢ سالن جي ڄمار ۾ ڪنوارو ويٺو آهيان.

هاسارام: ها ڪر شادي ته اِهي منهن مان پئسا ٿي گم ٿين ٿي. مان تو جهڙن لاءِ ته هي دفتر کولي ويٺو آهيان.

هري: (کلندي) ڇا ٿا چئو صاحب، مان ۽ شادي! نه بابا نه. پالي پاڻ کي ٿي نٿو سگهان.

هاسارام: (مرڪندي) اڙي ڇرپت پوءِ قسمت چمڪي پوئي ته پڻهين به ته شادي ڪئي هئي نه.

جلدي گراهڪن جي اچڻ جو وقت اچي ٿيو آهي.

هري - (پنهنجو پاڻ کي) مان ته اچي ڦاٿو آهيان هن ڪنجوس مان، نه پگهار ٿو وڌائي ۽ نه ڇٽا ٿي ٿو ٺهرائي ڏي.

(هريءَ جي وڃڻ بعد هاسارام فون تــي نمبر ڦيرائي ٿو.)

هاسارام: هلو هلو، ڪير مــوهني ماسي آهين. پڻاءِ خير. تنهنجي پوٽـــي جـو ڇا ٿيو. آيـــو ڪو گهور ڀر... نه اڃان نه، ها پاڻي ساوري آهي ڊپ تـه لڳندس ٿي. ۽ اڪلائڻ ۾ ڏيـپ به ته وڌو لڳندس... ڇا چيئه، ته ڇوڪرو ها، ها ماسي، هڪڙو سٺو ڇوڪرو آهي خيال ۾. انڪم ٽيڪس ۾ آهي. ها ڀلا ڪمائيءَ وارو. ڇڙو ته ڳالهه هلايان. ڪالهه تـي مون وٽ پنالو لڪائي وڃو آهي. پــر هڪ اڪ تــه لڳي وڃڻه. ڇا ڪرڻون توهانجي ڇوڪري ساوري آهي ۽ ڇوڪرو اڇو ڇڙٽو ڪير ۽ مٿان انڌي ڪمائي... ڇا چيئه، پنجاه هزار نه نه، مهانگائيءَ جو زمانو آهي. هــر ڪا چيز ٻــري پيئي آهي ۽ ڇوڪرن جو اگهه به ته وڌندو ٿــو، پلي پلي... ڀــون پٽ هوندل سان صلاح مصلحت ڪر ۽ مان به اگهه گهٽائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان... پــر ماسي پنجهتر هزار ته پڪا سمجهه... چڱو رکان ٿو.

(هري چانهه جو پيالو آڻي هاسارام کي ڏيئي ٿو)

اڄهو ملي. منهنجو ڪم به نه هلڪو ٿي پوي ها.

هاسارام: هاڻي به ڪهڙو گهٽو ڪم آهي. مان ڇا هن پنجاهه سال جي عمر ۾ شادي ڪندس.

(در جي گهنٽيءَ جو آواز)

هاسارام: ڪا دکي ڪنواري يا ڪنوارو پتر آيو ٿو نه سجي. جلدي اٿي در کول.

(هـريءَ جــو اٿــي در کــولڻ ۽ مسٽر مٽيءَ جو پرويش)

هاسارام: اچو اچو، ڀلي ڪري آيا، ويهو.

مٽي: (ڪرسيءَ تي ويهندي) سائين مان آهيان مسٽر مٽي.

هاسارام: مٽي! مدراسي ؟

مٽي: نه سائين مان سنڌي آهيان.

هاسارام: پر مٽي نه سنڌي ڪونه ٿيندا آهن.

مٽي: سائين اصل ۾ اسين مشاراماڻي آهيون. منهنجي وڏي ڀاءُ ان ڪري ڪٽي راماڻي ٽڪايو هو ۽ پوءِ ......

هاسارام: پوءِ تــوهان ڪيس اچا آهيو، ڪٽي ٿيئو ڪري مٽي ٽڪائي ڇڏيو.

مٽي: سائين مون نه پر منهنجي ڀاڻ ڪيو.

هاسارام: ڳالهه سـاڳي ته آهي، پنهنجي سـرنيم ڪٽڻ ۾ سائين توهان اڪيلا نه ڪونه آهيو. اسانجي

هري: صاحب اُهي زمانا ٻيا هئا. منهنجو ٻـڌي ءُ نه سمجهه ۾ ...

هاسارام: زميندار هو نه، اهو مان گهڻا دفعا ٻڌي چڪو آهيان. پر اهي عقل لون نه تنهنجي زمين کان ڌار ٿيل آهين نه.

هري: هڪ ڳالهه، چوان صاحب، دل ۾ نه نه ڪندءِ.

هاسارام: نه نه، دل ۾ ڇو ڪندس، چئو. اڄ هري مان نه توکي ننڍي ٻار جيان سمجهندو آهيان.

هري: صاحب ڳالهه ٿـي ڪيم نه توهان نه مالڪياڻيءَ جي وفات بعد ٻيو وواهه نه ڪيو.

هاسارام: (گهرو ٿيندي) ڇا ٿو ٻڌائين حال منهنجي دل کان هري تنهنجي مالڪياڻي ڪانهيءَ موُن کي هڪ ڏينهن نه ڇڏين ڪون آيو آهي. مان نه هن کي هڪ پل لاءِ نه وساري ڪون سگهيو آهيان.

هري: صاحب ڇڏيو هن ڳالهه کي. تو هاڻي هوءِ اچي نه ياد آهي نه.

هاسارام: اڄ هـا! مان نه نصيب وارو هوس جو هن اچيءَ کان اڳي واس، ڪو مرد شاديءَ لاءِ نه مليس سو هوءَ اچي وائي هئي منهنجي ٻنهان هٿ ڏوڙي.

هري: موُن نه سمجهيو هو نه موانکي اي مالڪياڻي

منهن ڪارو. (هاسارام کي ڦارم ڏيندي) وٺو سائين،
پلا جواب ڪڏهن ڏيندا!

هاسارام: هڪ مدت سڀ ڏسي ته، وچان ٠ عمر اٺاويهه سال، اي. ڪام پڙهيل، بئنڪ ۾ نوڪري. ٻيو ته سڀ ٺيڪ آهي مٺي باقي عمر ذرا...

مٺي: ته سائين اڄ ڪلهه جي زماني جي مطابق اها ڪا وڏي عمر ته نه چئبي.

هاسارام: ادا، مرش جي لاءِ اها وڏي عمر نه به چئجي پر استريءَ لاءِ ته آهي. هن ڪيس ۾ منهنجي فيءَ به ذرا سرس لڳندي.

مٺي: آخر گهڻي؟

هاسارام: اهوئي ٻه هزار روپيا. هزار مڱڻيءَ مهل ۽ هزار شاديءَ وقت. اگر هوم سروس کپيو ته جيڪي ڏيندا وٺندا، ان ۾ ٻاهج اڌ ٽڪا.

مٺي: ڏيندا وٺندا پيدي!

هاسارام: واه سائين، سڌي ئي ڪري اهو به نٿا سمجهو. جيڪي ڏاج ليتي منهنجي ذياٽيءَ کـي ڏيندا، ان جو ٻاهج سيڪڙو منهنجو حصو.

مٺي: ٺهيو سائين، مان نوڪريءَ وارو، منهنجي حيثيت ڪيتري.

هاسارام: باقي چوڪري وارن سان ڏي وٺ ته

سڄي جاءِ ۾ اهو مرض ڦهلجي رهيو آهي. ڪٿي نا ور هٿجي اسان جي جاءِ کي ڪانئي نه وڃي. ڏسو نه اڳئين سڌي ٻڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اسانکي شرم اچي رهيو آهي ۽ هاڻ نه سڌي سڏائڻ ڪان ۽ نه رهجي وڃون.

هري: صاحب اچا ۽ نه "مٺي" اکر وڌو آهي. "م" ڪڍڻ سان "ٺي" ٻاقي ۽ رهندو.

هاسارام: (ڪاوڙجي) هري، توکان ڪڏهن صلاح ورتي. تون وڃ اندر، جلدي ڪر ٻاٽيءَ جو گلاس ڪٽي اچ.

مٺي: سائين مان ٻڌهجي نياٽيءَ لاء لائق ور ڳولهڻ لاء توهان وٽ آيو آهيان ۽ نه ٻڌهجي اسي عزتي ڪرائڻ.

هاسارام: پيارا معاف ڪجو. اسين وهلور وهجي وياسين. ها هيءَ فارم ونـو. هن ۾ سواسڻو احوال ٻڌهجي نياٽيءَ جي ٻاري ۾ لکجو جيئن نه، نالو، انٻرياس، جنمجي تاريخ، تعليم، ڊيگهه، چمڙيءَ جو رنگ، وغيره وغيره.

(مٺي فارم ڀرڻ ۾ لڳي ٿو وڃي)

هاسارام: ڏسو سائين ڪج ۽ گهٽ وڌاءَ نه لکجو. سڄي جمار جو سوال آهي.

مٺي: نه سائين. سچ ۽ ٻيو نج، ڪوڙ جو

هاسارام: هري اڙي او هري

هري: (اندر اچي) جي صاحب.

هاسارام: جي صاحب جا سڳا، جلدي دروازو کول
لڳي ٿو ڪو گراهڪ آيو ٿو ڏسجي. ڪٿي سڄا سارا
سمت ڏينهن واندو ويٺو هوس؛ ڪٿي هڪ
ڏينهن ۾ ...

هري: صاحب ٻه ٻه گراهڪ.

(هري دروازو کولي ٿو؛ مسٽر آتما جو اندر پرويش)

هاسارام: ڀلي ڪري آيا، اچو ويهو سيٺ.

آتما: (ڪرسيءَ تي ويهندي) سائين مان پنهنجي
ڇوڪري لاءِ ڇوڪري.

هاسارام: ڇوڪري لاءِ ڇوڪرو! سائين سڀ
ڇوڪرا ڪٿي ايندا ته ڪيئن ڪم هلندو.

آتما: نه سائين، مان پنهنجي پٽ لاءِ ڪنوار ...

هاسارام: او پٽ لاءِ ڪنوارا! پر توهان ٿا نئينڪا
ته ٿي ويهو نه.

آتما: مهرباني، مان آرام سان ويٺو آهيان. منهنجو
ڪو پنجٽيهن سالن جو آهي.

هاسارام: سچ، هڪ ڳالهه ٻڌو. مرد ڪڏهن
وڏو ڪين ٿيندو آهي. چوندا نه آهن "مرد ۽ گهوڙو
ڪڏهن نه پڙو."

(پنهي ڪان ٿهڪ نڪري ٿو وڃي)

منهنجي وس ۾ نه آهي ته منهنجي ڪميشن ۾ سڦا ٿا
گهڻا ڏينهن نه هلي ويندو.

مٺي: (هٿ جوڙي) سائين آءٌ هن ڀيري پنهنجي وسان نه گهٽائيندس. مان پنهنجو ٻهن هزارن کان هڪ پائي به وڌيڪ نه ڏيئي سگهندس. اهي منهنجي ڀيڻ جي اڇائل پونجي آهي. چڱو مان هلان.

هاسارام: ها سائين اڪونجاه روپيا رجسٽريشن چارجز ڏيندا وڃو ۽ پنهنجي نياڻي اٿيا جو هڪڙو سٺو فوٽو به جلدي ڏيندا وڃو.

مٺي: (پئسا ڏيندي) چڱو سائين وڏي مهرباني. رام رام.

هاسارام: رام رام پيارا، هريرام -

هري: ڇا سائين، مونکي سڏيو ڇا؟

هاسارام: اڙي اچي قاٽس ته مان. ڀڳوان جو نالو به نه وٺين ڇا؟

هري: ڇيم صاحب ڪجهه ڪيو ڇا؟

هاسارام: اڙي تون چپ ڪري جو ڇا ويندين (وري پنهنجو ناڙ ڪي) ڪهڙا ماڻهو اٿا مون وٽ اچن اڄ ڏيهن سالن جي ڇوڪري ۽ ڏاج پنهنجو ٻهن هزارن کان هڪ پائي به مٿي نه. سمجهن ٿا ته مون وٽ ڇوڪرن ناهڻ جي مشين لڳي پئي آهي.

(در جي کڙڪڻ جو آواز)

اڳي ٿو اسان کان ڪڏهن ڌار ٿي ويندي پنهنجي
اسان جي هستي مٽجي نه ويندي.

آلما: سائين ڇا ڪجي وڏي سرنم هئي "آلمارامائي" سو ڏاڍي ڊگهي لڳي. ان ڪري ننڍو ڪري صرف "آلما" ڪري ڇڏيوسين.

هاسارام: سوئيٽ ۽ شارٽ.

آلما: ها سائين رائيٽ.

هاسارام: هڪ فائدو ٻيو به ٿيندو.

هاسارام: ڪنهن کي خبر نه پوندي ته توهان سنڌي آهيو يا نان سنڌي.

آلما: نه سائين اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي.

هاسارام: چڱو اچو ته ڳالهه جي ڳاٽي کي وٺون، توهانجي ڇوڪري ڪـي ڪهڙي نموني جي ڪردار کپي، هنجي پسندي ڪهڙي آهي.

آلما: سائين اسان کي ڇوڪري پڙهيل ڳڙهيل ۽ نوڪريءَ واري کپي.

هاسارام: توهان جو ڇوڪرو ڇا ڪندو آهي؟

آلما: هو بئنڪ ۾ آفيسر آهي، ڇوڪري به بئنڪ يا ايل. آءِ. سي. ۾ هجي ته بهتر، ڏٺي ليکي گهٽ وڌ هلندي.

هاسارام: اهڙي ڇوڪري منهنجي خيال ۾ آهي.

آلما: سچ! شڪل شبيهه ۾ ڪيئن آهي.

هاسارام: او هري، جلدي سيٺ لاءِ چانهه لـ
ناهي وٺ.

آلما: نه سائين، تڪليف ڇو ٿا ڪريو.

هاسارام: سائين ڇاجي تڪليف آهي، توهانجي
صدقي مان ته ته بيغمدس نه.

آلما: ها سائين ٻڌايو ڪڙو ٻرو سيڄو آهي.

هاسارام: سائين مهنجا مسٽر... (ڪيس فائر ڏيندي)

آلما: سائين، مسٽر آلما ڇوندا آهن موتکي، هي
فارم توهانکي ڀري ڏيان.

هاسارام: ها ڀائي آلمارام.

آلما: نه سائين آلما مهنجي سرنيم آهي.

هاسارام: آلما ۽ سرنيم! مار ڪئي ملڪ ٻهچيد ور

آلما: ڇو سائين ڇا ٿيو؟

هاسارام: بس يار، اسان سنڌين کي خبر نه ڇا
ئي ورو آهي.

آلما: ڇو سنڌين کي نه ڪجهه ته ڪين ٿيو آهي
ٻر لڳي ٿو ته توهان کي ڪجهه ئي رهيو آهي.

هاسارام: ها ادا برابر، اهڙاون سرنيمون ٻڌي
ضرور ڪجهه ئي ويندو ته ڪو سرنيم جي اڳ تو ڪڏي
ته ڪو ٻڌاڙي. اڄ ته اسانجي سنڌڙي هٿي جا اسان
ڪڏي ٻاڻا ڪان ٿار ڪئي ۽ ماڻي اسانجي ٻڌاڙي نه

هاسارام: نه بابا، اهي ٻهراڻ ايڪونجاهه هاڻي
ڄ ...... ٻيا پئسا ٿيو.

آتما: ٿيو جيڪي چوڪري وارن کان وٺندا آهيو،
اُن جو اڌ.

هاسارام: اڙي توهانکي ته سڀ خبر آهي. ٻيو
توهانجي ڪيس ۾ وڌيڪ.

آتما: ٺيڪ آهي ٺيڪ آهي وٺو. اهي
پئسا ته وٺو.

هاسارام: (پئسا وٺندي) چڱو اداء.

آتما: چڱو سائين رام رام.

هري: ها صاحب، مان اچان ٿو. اڄهو چانهه ٻه
ٺهي ويئي آهي.

هاسارام: هي ڇوڪرا، تنهنجي اچا چانهه هاڻي ٺهي
آهي، هاڻي پنڌاءِ هنن افعالن سان توکي ڪيئن
شيڊهڪ کلهي چاڙهيون.

هري: صاحب مان ڀلا ڇا ڪريان. سڄو ٻه ته آهي
صفا جڏو گئس آٽي ڏيو ته ٻيو ڏسو ڪيئن ٺٺو
ڦٽاڦٽ ڪم ڪريان.

هاسارام: (ويچارا ڏيندي) ڦٽاڦٽ، اڙي موڪ،
گئس مان ٻاهيون ٿيون لڳن. ڪٿي ٿون مري، هوارام
وٽ هليو ويئين ته مان ڪيڏانهن ويندس.

هاسارام: اها ته، مونکي به خبر ڪونهي ته اس توهان جي اچڻ کان ٥ منٽ اڳ، هن جو پتا صاحب نالو لکائي ويو آهي.

آلما: مون کي هنجو فارم ڏيکاريندا.

هاسارام: (ٿڪو مرڪندي) پاڻي توهانکي ڏيکاريان ته منهنجو ننڍو ڇوڪرو، ان ڇهن ڏينهن ۾ پنهنجي ٻارڻين کي مان هٿ ملائيندس. ڇوڪري به پنڌڪ ۾ آهي عمر ۾ پيون ڳالهيون به ته، ملي اچن ٿيون اهو هڪ ڳالهه آهي.

آلما: وري ڪهڙي ڳالهه آهي هاسارام؟

هاسارام: پيو ڪجهه به نه پر توهان ڪـــي منهنجي دل خوش ڪرڻي پوندي.

آلما: سائين اهو ته سنسار جـــو نيم آهي، هڪ هٿ سان ڏني ته ٻئي هٿ سان وٺ، توهان جي مٺ گرم ڪجي.

هاسارام: اس پوءِ ڪم ٿيل ئي سمجهو. توهان پنهنجي ڇوڪري جو فوٽو ته آندو هوندو.

آلما: هائو سائين (فوٽو ڏيندي) ڇگو سائين مان هلان.

هاسارام: ائين ڪيئن؟ رجسٽرن جـــي في ڪير ڏيندو؟

آلما: سائين سڀ گڏ ڪري ونجو ته.

هري : سائين چانهه ته توهانکي دل سان پيئاريان.
پر صاحب کير ڪٻٽ ۾ بند ڪري رکي ويو آهي.

آتما ۽ مٺي : مار! کير تالن ۾ بند.

هري : سائين، صاحب سان اها ڳالهه نه ڪجو.
ڇڱو مان اندر ٿو وڃان. گهڻو ڪم پيو آهي.

(هريءَ جو ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ)

آتما : (اوٻاسي ڏيندي) سائين توهان پنهنجي نياڻيءَ لاءِ آيا ٿا ته سچو.

مٺي : هائو ادا ۽ توهان.

آتما : مان پنهنجي ڇوڪري لاءِ، منهنجو ڇوڪرو به آيو آهي.

مٺي : توهانجو ڇوڪرو بئنڪ ۾ آفيسر آهي.

آتما : ها سائين ۽ توهانجي ڪڪي به بئنڪ ۾ آهي.

مٺي : هائو سائين، اسين ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ئي آيا آهيون.

(ايتري ۾ کليل دروازي مان امر جو پرويش)

آتما : اچي ويو منهنجو راجڪمار.

امر : بابجي ذرا دير ٿي ويئي ساري.

آتما : هت ويهه ته واقفيت ڪرايانءِ.

(امر ڪڪي جي پرسان صوفي تي ويهي ٿو رهي)

هري: اها ڳالهه آهي نه، صاحب ڀلو ڀڳس نه ڪهي.

هاسارام: ڏس اٿيئي نه جان پياري.

(ٻئي کلن ٿا پردو ڪري ٿو.)

نظارو ٻيون

(پردو کلڻ سان مسٽر مٽي ۽ هنجي سوٽري انيتا ڪرسين تي ۽ مسٽر آلما صوفي تي ويٺل نظر اچن ٿا.)

هري: (ڪمري ۾ ڦيراون پائيندي) سائين ڇهه ته ٿيا سائين ڪم سان ٻاهر ويا آهن ۽ هاڻي اس اچڻ ۾ هوندا.

آلما: پر اسانکي هتي سڏيئن اڄي جو ٽائيم ڏنائين پاڻ غائب.

مٽي: اهو ته نيڪ نه آهي. اڌ ڪلاڪ ته ٿي ويو اسانکي هتي ويٺي.

هري: ڇا چوان سائين. توهان لاءِ ٿي نه ويا هئا پر اوچتو فون آيو سو جلدي واپس موٽڻ جو چئي ويا آهن.

آلما: هوم سروس ڏسڻ ويا آهن ڇا؟

هري: هائو سائين هائو. توهان ليسٽائين اخبارون پڙهي پاڻ وندرايو. پاڻي ٻاٽي پيئندا سائين؟

آلما: اڙي تون ٻيو ڇا پياريندين! مٽس جي گدگاجل ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه پيئاري سگهندين هري؟

امر: ها برابر.

انيتا: توهانجو نالو به اهڙو ڪجهه الڳ آهي جو جلدي دل تي چڙهي ويو آهي- "امر آتما."

امر: بعدي "آتما امر آهي." اهو سچ به ته آهي.

(ٻئي هن کان ٽهڪ نڪري ٿو وڃي)

امر: توهان شهر جي برانچ آفيس ۾ بدلي و ٿي اچو ته ڪجهه ماڻهن سان سڃاڻپ وڌي. هتي اڃان لڳو پيو آهي جيئن کوه ۾ ڏيڏر.

انيتا: بس توهان ڪوشش ڪندا ته بدلي ٿي ويندي. گهر آفيس جي پوسٽ هٿ ڪري مونکي اڳي ڪڏهن خيال ئي ڪانه آيو هو.

امر: بس هاڻي اهو منهنجو ڪم آهي.

انيتا: (مرڪندي) ٺيڪ.

(آتما مٺيءَ کي اشارو ڪري پاسيرو سڏي ٿو)

آتما: دوست هتي ته دل، دل تي چڙهيل ٿي ڏسجي.

مٺي: مونکي به ته ائين پيو ڀاسي.

آتما: جڏهن به دليون ملي وڃن آهن پوءِ اسان چوو ٿا هن لالچي هاسارام جي مٺي گرم ڪيون.

مٺي: چوو ٿا اجايو ٻاڻ ڦرايون، تنهن کان ته هتان نڪرو نڪري، ڪنهن سٺي هوٽل ۾ هلي ٿا ويهون.

آلما : هيءَ انيتا مسز مٽي ۽ هن جي ڌي انيتا.

امر : معاف ڪجو. توهانجو نالو ڪجهه عجيب پيو لڳي.

آلما : لال، اسين سڀئي ڏاڍا ائڊوانس آهيون. پنهنجي رهڻي ڪرڻي سان گڏ پنهنجن نالن کي به ماڊرن ڪري ڇڏيو اٿئون.

(آلما جي هن ڳالهه تي سڀني کان کل نڪري وڃي.)

آلما : ها ته مسز مٽي، هيءَ منهنجو ڪڪو امر آلما. بئنڪ آف انڊيا ۾ آفيسر آهي.

انيتا : توهانجو نالو مونکي ڄاتل سڃاتل ٿو لڳي.

امر : ڪيئن ڀلا، مون توهانکي ڪڏهن ڏٺو ته ڪونهي.

انيتا : مان به ته بئنڪ آف انڊيا جي ڳهاٽڪوپر برانچ ۾ آهيان.

امر : ساڳي بئنڪ ۾؟ اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻون ڪانه! ڪيڏو نه عجب پيو لڳي توهانجي. بئنڪ جو مئنيجر ته منهنجو دوست ٿڌاڻي آهي.

انيتا : اڙي هاڻي ياد اچي ويو. ٿڌاڻيءَ جو نالو جو ورتو. توهانجا ٽيليفون مسٽر ٿڌاڻيءَ کي ايندا آهن. اصل ۾ مان ٽيليفون آپريٽر آهيان. توهان مين - برانچ ۾ آهيو نه؟

هري : ها ماري آهي. توهان جون سڀ ڳالهيون مون پڌريون آهن.

آتما : پڌريون ٿيئي ته سنتو ڪيئن هاڻي رستو ڇڏ.

هري : هرگز نه. صاحب جي ڪميشن ڏيو نه ڇڏ ڀانؤ.

آتما : (ٿ ڪ اولاري) اڙي اسانجو رستو ته تنهنجو باپو به نٿو روڪي سگهي.

هري : توهان منهنجو باپو ڪيئو.

مٺي : اڙي تنهنجو باپو ته ڇا، تنهنجي باپ جو باپو به، ڪيڏانهن، چپ چاپ ڪري ويهي رهه نه ته ڪانئيندين اسانجا ڪوڇا.

آتما : هٿي جوڙو ٻهرين ڪـان تيار ٿـي بيٺو هو. تنهنجي صاحب وري ڇا ڪيو.

مٺي : هلو، هتان نـه هلون.

آتما : مان ٻنهي راضي، ته ڪيا ڪريگا قاضي.

(سڀ ٻاهر نڪري ٿا وڃن. هري مٺي تي هٿ رکي ويهي ٿو رهي. ٿل ٻير لاءِ شانتي ڇانئجي ٿـي وڃي. دروازي مان هاسارام سهڪندو اندر اچي ٿو.)

هاسارام: هان وٽ گهٽا اٿيئي (ٻوٿو ڏيندي) دروازو کليو پيو آهي ۽ تون ڪرين ٿـي هٿ رکي ويٺو آهين.

آلما: اٿي هلي ٿا خلاصو ڳالهايون ٻر هڪ ڏفعو ٻارن جو راءِ وٺڻ ضروري آهي.

مٺي: ها برابر.

[اهي واپس اچي ويهڻين جاين تي ويهن ٿا]

آلما: (امر کي) پٽ ٻڌاءِ تنهنجو انيتا جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي.

امر: ڊئڊي، مان ڇا چوان توهانجي مرضي.

آلما: واه ڙي سياڻا، شادي تو کي ڪرڻي آهي ۽ مرضي وري منهنجي.

امر: (انيتا ڏانهن اک ٻيت ڪري) ها، ڊئڊي.

مٺي: (انيتا کي) پٽ ڇئه امر پسند آهي.

انيتا: دادا، توهانکي پسند آهي ته.........

(شڪجي ٿي وڃي)

مٺي: ها، مونکي ته پسند آهي.

آلما: مٺي سيٺ ڇا ٿيو؟

مٺي: سائين ڇٽو شو.

آلما: پولي نامه پڙا ٻار.

مٺي: هلو ته هاڻ هتان نڪري هلون.

(اهي اٿي هلڻ لڳن ٿا ته، هري ڊوڙندو سندن رستو روڪي بيهي ٿو رهي)

هري: ارسو، اوهين ٻاهر وڃي نٿا سگهو.

آلما: ڇو ڀائي اسان ڪهڙي ٻلي ماري آهي؟

ڪهاڻي

★★ پيءُ جي ★★

ڪمري جي اندر ۾ اڄ جنگ جاري هئي. هو ڄڻ ٻارهن سالن وڙهي رهيو هو، ٻاٽڪي ڇڏي ڏئي رهيو هو. ڪرسيءَ تان اٿي صوفا تي ويٺو، ٻيهر اٿي به کيس چين نه آيو. ڇا ڪري ڇا نه ڪري کيس ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو. آخر صوفا ڇڏي پلنگ تي ليٽي پيو. ڇت ۾ اکيون وجهي هيڏانهن هوڏانهن انهي مطلب نهارڻ لڳو. اوڏي مهل ڀت تي ٽنگيل ڏاڏي آدم جي زماني جي پراڻي گهڙيال ڏهن جا ٽڪاءُ هنيا. کيس سندس پيءُ جا لفظ ياد اچي ويا "ڏس، تون هن گهڙيال کي ڏس، هن جي جهڙي، ها، بلڪل اهڙي حياتي آهي منهنجي. سڄو ڏينهن محنت مزوريءَ جي چڪيءَ ۾ پيسبندو رهان ٿو مان، ڪنهن کي به مون لاءِ قياس نٿو اچي. هن گهڙيال جيان پيو ءِ ڪمزور. لڳي ٿو ته جڏهن هيءَ هلڻ بند ڪندو تڏهن منهنجو به انت ايندو. مون وانگر ٽيهه سال هيءَ وچارو به هليو آهي، ٻهرين ٻگهار مان مون هنڪي خريد ڪيو هو. هيءَ گهڙيال نه ڇڏ، هن گهر جي هر چيز منهنجي محنت پسيني جي ڪمائيءَ مان

هري: سائين ميان ان جي راضي لاءِ ڪيا
ڪريگا قاضي.

هاسارام: اڙي ڇوڪرا ڇتون، ڇا ڳالهه آهي.
گراهڪ ڪٿي آهن؟

هري: صاحب، ٻئي ويا، ٻڪرڻون اڃا هاڻي نه
نڪتا آهن.

هاسارام: هاڻي ويا آهن! (هو ٻاهر ڊڪ ڪ ٻاني
وڃي ٿو ۽ ڪن پر واپس هلي ٿو اچي.)

هاسارام: تو هنن کي نه ڪو نه ٻڌائي ڇڏيو.

هري: صاحب، توهان جو نه هڻا ...... ڏسندي
ڏسندي ٻنهين جون اکيون چار ٿي ويون ۽ اهي
اوندهه ٿي ويا.

هاسارام: ۽ تو ڪجهه ڪو نه ڪيو، ڪين ٻڪري
رڙيون واڪا ڪرڻ ها نه، اهي ڪيئن ٻڌن ها. هاءِ
مهنجا پيسا! مون کي چور ڦري ويا!

(هو صوفا تي پاڻ کي ڦٽو ٿو ڪري ۽ ٻڙڊو
ڪري ٿو.

★ ★ ★

آهي. درخواستن جا ڍير هن هڪ هڪ آفيس ۾ نه موڪليا آهن؟ هن ڇا نه ڪيو آهي، هن ان سالن ۾ هن ڪيتري ڪوشش ڪئي آهي هن جي ٻئي ڪـي ڪهڙي خبر. نوڪري ڪا اهڙي شيء آهي جا اس پٽ تان ڪٽي جيب ۾ وجهڻي آهي؟ اي. ڪام پاس ڪيم ته ڇا ڪيم، ڪهڙو ميرُ ماريم. هن کان وڌيڪ ڪواليفائيڊ شخص بيروزگار پيا گهمن، انهن کـي نوڪري نٿي ملي ته هو ڪهڙي باغ جي مولي آهي. هڪ جڳهه لاء سؤ سؤ اميدوار اچيو ڀـاهت ٿين، ايم. ڪام، ٻال ڊبل گرئجوئيٽ، هن جي ڪٿي ٿي اچي دال ڳري.

ان ڏينهن ته هو انٽرويو ۾ اول آيو هو، کيس خاطري هئي ته اها نوڪري کيس ملندي. انٽرويو ڪميٽيء ته کيس پڪي ڏينهن اچڻ لاء به چيو هو، پر جڏهن هو اتي ويو ته، الٽي پيرن واپس وريو. هن جي بدران هڪ اميدوار کي رکيو ويو هو جنهن سفارش جو خط آندو هو.

هتي اسان جي ديش ۾ سفارش کانسواء پڙهيو به نٿو هلي، سفارش جي هٿيار بنا سٺي نوڪري ملڻ آهي جڻ لاٽري لڳڻ.

ڪمار جي ماءُ، پٽ جو انتظار ڪندي ڪندي ٿڪجي پيئي. هوء ڪيتري وقت کان ٿالهيء ۾

ٿيل آهي. ٽي. وي. ۽ فرج کان وٺي سڀ ڏاڍي
ڏاڍين مهانگي ورال آهن. تو جيان سست هجان ها
ته توهان کي ڪوري ماني نصيب نه ٿئي ها ۽ اهڙا
عيش عشرت توهان ڪٿان ڪريو ها. جڏهن مان تو
